www.ripri.pk

بسم الله

ابتدا کردم بنا م کبريا
خالق است رازق است رهنما

معلم الحج -زيارتِ حج

# حج جو سفر

حالات عرب شريف حرمين الشريفين
سال 1374ھ مطابق سال 1955ع

حافظ حاجي محمد عالم مهيسر رفيقي

سهيڙيندڙ:
ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو

www.ripri.pk

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والعاقبه للمتقين والصلوات والسلام عليٰ سيدنا و مولانا امام الانبياءِ والمرسلين رحمة للعالمين شافع يوم الحشر سيدنا محمد ن المصطفيٰ رسوله المجتبيٰ محمد رسول الله صلي الله عليه وعليٰ آله وصحبه وبارک وسلم اجمعين تسليماً كثيراً كثيراً. اما بعد ، فقد قال الله تبارک وتعاليٰ في القران العظيم وافرقان الحميد سورة الاحزاب ، ان الله و ملائكته يصلون علي النبي يا ايها الذين آمنوا صلوا عليه وسلموا تسليما.

سورتہ الانبياء ومماارسلناک الا رحمت اللعالمين . سوره المائده ، لقد جاءِ من الله نوروكتاب.

اهي ثابتيون بہ آهن تہ بہ انڌا كونہ ٿا مڃن.

سامان رختہ يعني سفر عرب شريف ھيٺين موجب پاڻ سان کڻجي . تسبيح، حمائل شريف، مصلو، جاءِ نماز ڪتاب بڪڙي، ڊائري روزانہ لکڻ جي . اٽو ھڪ مڻ، چانور ھڪ مڻ مگر بہ سڳداسي، گھہ پنج سير نندي ڊبي، لوڻ ۽ مرچ، ڏاٽا ۽ داليون ٻئي قسم . پنجوري ۽ ستون سئي سڳا، ڪپڙن جا ٻہ جوڙا وڏيڪ نہ ، چاڪاڻ تہ عرب اطھر ۾ ڪپڙو تمام سستو آھي . سفر جو بسترو موسم جي موافق ٿوري گرمي ۾ ٿورو بسترو گھٽي سردي ۾ گھٽو بسترو. بوٽ يا جتي اتي چونپل بلڪل سستا آھن ٻہ روپيہ ۾ ملن ٿا. آئينو ڪئينچي نچڪٽون وغيره ڪفن جو ڪپڙو ڪراچي يا مڪہ معظمه مان يا مدينه اطھر مان وٺي سگھجي ٿو ۽ اتي ڪپڙو 1.4 ( ھڪ روپيہ چار آنا) وال آھي ھرڪہ ڦٽي ۽ تيل صابڻ ۽ ميٺ صابڻ ڪپڙن ڌوئڻ جو . پوتڙو تڙ لاءِ ۽ چتي تمام ضروري آھي. عينڪ جھڙ واري ، دلو يا گھگھي، گلاس، واڍ، پاٽيءَ جي ڪيڻ لاءِ. ڪائڻ پيئڻ جا ٿانو ٿالھہ ديڳڙو تئو چمچو بالٽي، تڦٽي، لوٽو ڪونرو، چري، چاقون، رڪابيون ٻہ ننڍيون پنڊيون. ڪنڊ عرب ۾ تمام سستي آھي ۽ ڪافي ملي ٿي ڪٽلي ڪوپ ساسر آچار جھار جي لوڏي الٽيءَ لاءِ مجرب آھي . صندوق پيتي ٽارچ يا فانوس لال ٽين ۽ دوائن جو ڊبو ڦوٽا ٽڪيون بخار جون گوريون . لفافا قطب نما ضروري آھي عرب ۾ قطب نما تمام سستيون آھن ھڪ ريال ۾ ملن ٿيون . ھاضمي جي دوا ضروري آھي . دوا مفرح يا قوتي وغيره. الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک شڪر لک احسان لک قرب ذات پاڪ جا آھن ، جو مون گنھگار بدڪار کي نوازي عرب پاڪ جون زيارتون ۽ فيض بشارتون عطا ڪيون آھن حج شريف جي روانگي ماھہ رمضان المبارڪ جي تاريخ 27 آخري جمع جي نماز پڙھي گمبٽ بورڊنگ مان 20 مئي 1955ع تي گمبٽ کان شام واري گاڏي فڪس چار بجہ رواني ٿي . اسان ٽڪيٽون ورتيوسين چار . في ٽڪيٽ 11.8 (يارھن روپيہ اٺ آنا)روپيہ ڪرايو ڏنو ويو. صبح جو چار بجہ ڪراچي پھتي سٽي اسٽيشن تي. اتي ڪراچي ۾ پنجن ڏينھن رھڻ جو پروگرام ٿيو ڪم ڪار ڪيو ويوپاس پورٽن ۽ پئسن جي مٽا سٽا وغيره. رمضان المبارڪ جي عيد نماز حضرت قاعد اعظم مرحوم مسٽر محمد علي جناح جي

www.ripri.pk

خانقاه ۾ پڙهي ، تنهن ۾ چار رفيق ٿياسين هڪ حاجي محمد رفيق صاحب تنيو ۽ ٻيو حاجي محمد رفيق صاحب جي والده صاحبہ مائي حاجاڻي عالم خاتون ۽ ٽيون حاجي عبدالرحمان صاحب ۽ عاجز بدڪار گنهگار تاريخ 2 شوال المڪرم 1374هہ تي حاجي ڪئمپ مان لڏي بندر تي وياسون جهاز نالو مظفري روانو ٿي ويو پوءِ اسان کي جهاز ٻيو مليو جنهن جو نالو محمدي هيو تاريخ 3 شوال المڪرم جي 1374هہ تي ڪراچي مان جدي روانو ٿيو. تيز رفتار هليو جو ستن ڏينهن ۾ ڪراچي کان جدي بندر ڪياسين. جبل يلمم کان احرام ٻڌڻ شرط هي ثنا پڙهڻي آهي جيستائين مسجدالحرام رب البيت جي زيارت طواف ڪري مٿو ڪوڙائي پوءِ احرام لاهجي.

اَللّٰهُمَ لَبّيکَ لَبّيکَ لاَ شَرِيکَ لَکَ لَبّيکَ اِنَ الحَمدَ وَالنِّعمَةَ لَکَ وَالمُلکَ لاَ شَرِيکَ لَکَ.

جبل يلمم کان 24 ڪلاڪن جي پنڌ تي هڪ ٽڪر آهي اتي حضرت سليمان عليہ السلام جو منارو آهي جو رات ڏينهن ٻتي ٻرندي آهي اها سليماني ٻتي سڏبي آهي جو جهازن کي رستو ڏيکاريندي آهي . جهاز جو ڪرايو آمد ورفت 475 روپيہ هيو ۽ معلماڻو 75 روپيہ هو. باقي ٻيا پئسا 800 روپيہ مٽايا ويا ۽ بادشاهہ شهنشاه سعودي صاحب جو سڪو مليو ۽ اتي عرب پاڪ ۾ سعودي صاحب جي سڪي 3.8 (ٽي رپيہ اٺ آنا)رپيہ ملندا هئا . جدي شريف ۾ ڏيڍ ڏينهن رهڻ ٿيو. جدي ۾ حضرت ڏاڏي بي بي حوا عليہ السلام جي زيارت آهي . روضو مبارڪ حڪومت شهيد ڪرائي ڇڏيو آهي . پوءِ مغرب جي نماز پڙهي لاري ملي فقط مڪه معظم تائين بہ منزلون آهن جده ۽ ٻي هدو. لاري جو ڪرايو 11 روپيہ هرحاجي صاحب هيو. پوءِ ديرسان 2 بجہ رات جو پهتاسين اتي معلم جا ماڻهو اڳي بيٺا هئا. اسان کي پنهنجي جاءِ تي وٺي ويا اتي بروقت دعوت ڪارائي پوءِ خانہ ڪعبہ رب البيت جي زيارت ۽ طواف ڪيو سين . حجر اسود کي چميون ڏئي مٿو ڪوڙائي پوءِ احرام لاٿو ويو آب زمزم جو پاڻي پئي حاصل ڪري شڪرانہ لک لک ڪياسين. اسان جي معلم جو نالو هيو احمد سقطي . (ڪراچي ۽ جدي جي وچ ۾ هڪ بندر آهن مگر جهاز بندر ڪونہ ٿو ڪري مين جهاز حاجن جا هوندا آهن فقط عدن ۾ بندر ڪري ٿو. گوادر، مسقط، ڪامران، عدن، ڪويت ، بحرين.) معلم جو پياءُ اڳي ئي لارن جي اسٽان تي موجود هوسندس نالو محمد ابراهيم هيو.

اتي اول صفا ۽ مروه ڊوڙئون ست دفعہ آمد ورفت. صفا ۽ مروه جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورة البقر پارو 2 ۾ هي آيت سڳوري نازل ٿي آهي . قال الله تبارڪ و تعاليٰ .اِنّ الصَفَا وَالمروت من شعائر الله فمن حج البيت اواعتمر فلا جناح عليه ان يطوف بهما فمن تطوع خيرا فان الله شاڪر عليم ہ .

معلم هي آيت شريف پڙهائيندا آهن ۽ ٻيون عربي دعائون بہ پڙهائيندا آهن۽ حجر اسود خانہ ڪعبہ جي ايرندي طرف آهي ڪارو پٿر مبارڪ آهي چار ٽڪر آهي جو ديوار رب البيت ۾ لڳل آهي مٿان چاندي جو پٽ جڙيل آهي حجر اسود مبارڪ کي ۽ حضرت ابراهيم

www.ripri.pk

عليہ الصلوات والسلام جو مصلو آهي ان ۾ نفل پڙهڻ افضل آهي جنهن جي شان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت البقر سيپارو 1 ۾. قوله تعاليٰ في القرآن المجيد. واتخذوا من مقام ابراهيم مصليٰ وعهدنا الي ابراهيم واسماعيل ان طهرا بيتي للطائفين والعاكفين والركع السجود.

جنهن جي مٿان هي آيت شريف لکيل آهي پٿر تي اکر اڪريل آهن ۽ ان جي شان ۾ هي آيت شريف نازل ٿيل آهي . الله تبارڪ وتعاليٰ ان جي شان ۾ فرمايو آهي سورت العمران سيپارو 4 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن المجيد وفرقان الحميد.

فيه آيات بينات مقام ابراهيم ومن دخله ڪان آمنا. ولله علي الناس حج البيت من استطاع اليه سبيلا.

هن آيت مان صاف صاف معلوم ٿئي ٿو تہ مقام ابراهيم يعني خانہ ڪعبہ جي عمارت ڪندڙ حضرت ابراهيم عليہ السلام آهي ، جيڪو اندر داخل ٿيو سو امان ۾ آيو سبحان الله. حجر اسود کي چمين ڏيڻ جي فراغت نہ ملي ۽ جڳهہ نہ ٿي تہ حجر اسود جي سامهون هي الفاظ چوڻا آهن ۽ هي اشارن طور چوڻو آهي . بسم الله الله اڪبر ولله الحمد . پوءِ فارغ ٿي مصليٰ ابراهيم تي نفل شڪرانہ جا پڙهڻا آهن روزانو. نہ تہ حج ۾ رخنو آهي. ۽ ٿيندو وغيره. آب زمزم جو پاڻي پئجي ۽ ڪپڙن کي آلو ڪجي آب زمزم جي کوهہ جي مٿان ۽ آيت شريف لکيل آهي سورتہ دهر سيپارو 29 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن المجيد وفرقان الحميد وسقاهم ربهم شراباً طهوراً. آب زمزم جي جاءِ ڪعبة الله شريف جي ڏکڻ طرف آهي محراب النبي صلعم ان جو نقشو هي آهي اتي ضرور نفل پڙهبا آهن نہ تہ حج فاسق آهي . خانہ ڪعبہ رب البيت مسجد الحرام ڪعبت الله اها ڳالهہ هڪ آهي . اهي سڀ نالا انهيءَ رب سائين جي گهر پاڪ جا آهن. اجان بہ نالا گهڻا آهن مگر هن عاجز کي نہ ٿا اچن.

محراب النبي صلي الله عليه وسلم

الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي . قوله تعاليٰ . واذ يرفع ابراهيم القواعد من البيت و اسمعيل ربنا تقبل منا انک انت السميع العليم. سورت البقر سيپارو 1.سورت الحج سيپارو 17 ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي تہ قوله تعاليٰ: واذ بوانا لا براهيم مکان البيت ان لا تشرڪ بي شيئه وطهر بيتي للطائفين والقائمين والرڪع السجود واذ في الناس بالحج ياتوڪ رجالا وعليٰ ڪل ضامر ياتين من ڪل فج عميق. اجان هن ڪان زياده آيتون آهن جي اهي سموريون لکبيون تہ وڏو دفتر داستان ٿيندو. رب البيت خانہ ڪعبہ جي حرم پاڪ کي ڪنڌ ڪنڌ تي ممبر آهن ممبرن ۾ منارا آهن جو اتي نماز جي وقت بہ وقت آذان ٿيندي آهي . جو ساري شهر ۾ آذان جو آواز ملندو آهي منار ممبر جملہ ست آهن . خانہ ڪعبہ جي اتر طرف الحطيم آهي جو ان جي ٻاهران طواف ڪرڻو آهي مگر حطيم گولائي تي آهي. حطيم جي اندر سائو حجر پٿر آهي مصلي وانگر ان جو نالو حجر اسمعيل آهي ان

تي نفل پڙهڻ افضل ۽ سنت آهي حجر اسماعيل جي هينان حضرت اسماعيل عليہ السلام جو مقبره خانہ ڪعبہ ۾ آهي ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي والده صاحبہ بي بي سائنڻ عليہ السلام جو مقبره مبارڪ آهي ۽ ٻين نبين جون زيارتون ۽ مقبرا آهن سي پوري طرح معلوم نہ آهي ۽ چار مصلا آهن هڪ حنفي ۽ ٻيو حنبلي ۽ ٽيون شافعي ۽ چوٿون مالڪي. مگر حضرت پيش امام مهدي صاحب نماز مصلي حنبلي تي پڙهائيندا هئا.

معجزه شق القمر جبل قبيس مڪہ معظم جي نزديڪ شهر ۾ آهي اتي حضرت بلال سائين بانگي جي مسجد آهي پاڻ ڪريم سائين حضور سرور ڪائنات صلعم جن وينا هئاتہ ايتري ۾ مڪہ معظمہ ۽جلسا ۽ مدينہ اطهر جا عرب قريش هلي آيا .اٽڪل 3000 ماڻهو هيا گفتگو ڪندي چيائون توهان پاڻ تي ڪلمون شريف ٿا چورايو ۽ پاڻ کي رسول الله ٿا سڏايو يا معجزه ڏيکاريو يا جنگ ڪريو. پاڻ ڪريم سائين جن فرمايو تہ مون برحق سچو نبي آخ زمانہ جو نبي آهيان ۽ ختم النبيين آهيان. جنهن جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت الاحزاب سيپاري 22 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن العظيم . ماكان محمد ابا احد من رجالڪم ولکن رسول الله وخاتم النبيين وكان الله بڪل شيءٍ عليماً. پاڻ سردار سائين حڪم فرمايو جي چئو تہ جنگ ڪيو يا معجزه وٺو .قريشن عرض ڪيو تہ هي چنڊ آسمان ۾ بيٺو آهي اهو اشهد آڱر سان بہ ٽڪرا ٿئي يعني بہ حصا ٿئي هڪ حصو ٽڪرو آسمان ۾ ساڳي جاءِ تي رهي ٻيو حصو توهان جي جهولي گود ۾ اچي ڪلمون پڙهي . ايتري ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام آيو اچي اسلام عليڪ يا رسول الله صلعم چيائين ، عرض ڪيائين تہ توهان چنڊ کي آڱر سان اشارو ڪيو تہ بہ حصا يعني بہ ٽڪر ٿي توهان وٽ اچي ڪلمون شريف پڙهندو. فقط 5 منٽن اندر سائين هي معجزو ڪيو. پنجن منٽن اندر چنڊ بہ ٽڪر ٿي ٻيو هڪ حصو آسمان تي ٻيو حصو سردار دو جهان جي جهوليءَ ۾ اچي ڪلمون شريف پڙهيائين پوءِ اهي سڀ قريش 3000 مسلمان ٿيا ۽ ڪلمون شريف پڙهي برحق رسول الله ڪري مڃيائون . معجزه شق القمر جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي .

سورت القمر سيپارو 27 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن الڪريم

اقتربه الساعته والشق القمر

هاءِ هاءِ اهڙا هزارين معجزا محبوب رب العالمين سرڪار مدني سائين جاآهن ڪيترا لکي ڪيترا لکبا مگر عقل ۽ دماغ ۽ قلم کي طاقت ڪانہ آهي . مڪہ معظمہ ۾ جاءِ مسواڙ ڪرائي تي ورتي وئي جنهن جي مسواڙ 600 روپيہ هئي ان ۾ ڪل حاجي صاحب ڏهہ ڇهٽا ٽياسين جو هر هڪ حاجي صاحب کي مسواڙ 60 روپيہ پئي تنهن ۾ اسان سنڌي چار هئاسين هڪ حاجي محمد رفيق صاحب ٻيو حاجي عبدالرحمان صاحب ٽيون حاجي محمد عالم ۽ چوٿين حاجاڻي مائي عالم خاتون صاحبہ حاجي محمد رفيق صاحب جي والده حاجي

عبدالرحمان صاحب جي ناني باقي ڇهہ ملتان جا پنجابي حافظ حاجي عبدالمجيد صاحب پيرزادو ۽ ان جي والده صاحبہ ۽ سندس اهليہ صاحبہ ۽ سندس همشيره صاحبہ ۽ سندس ماسات صاحبہ ۽ سندس فرزند معصوم حاجي عبدالقادر صاحب مائي حاجاڻي منظوران مرهڻي صاحبہ وغيره وغيره.

اتي مڪ معظمہ ۾ حاجي محمد رفيق صاحب جي والده ۽ حاجي عبدالرحمان صاحب جي ناني تاريخ 24 شوال المڪرم 1374هہ جي انتقال ڪيائين انا لله وانا اليہ راجعون. سندس جاءِ جنت المعليٰ ۾ دفنايو ويوسندس خوش نصيب نيڪ عمل اهڙي پاڪ جاءِ نصيب ٿي جو قيامت تائين سال بسال هميشہ حج ڪري ۽ قيامت تائين حيات رهندي الله تبارڪ وتعاليٰ سڀ ڪنهن حاجي کي جنت المعليٰ يا جنت البقيع نصيب ڪري. جن جو حديثن ۾ ذڪر آيل آهي تہ رياض الجنته ، بهشت جو ٽڪر آهن يعني بهشت جو حصو ۽ جزا آهن ۽ رهندا . 12 شوال المڪرم 1374 جي مڪ معظمہ ۾ پهتاسين جو اتي 28 شوال تائين رهڻ ٿيو. پوءِ مورخہ 29 شوال المڪرم جي مڪ معظمہ کان مدينہ منور سرڪار مدني سائين جن ڏانهن روانگي ٿي جو ذوالقعد جو چنڊ رستي ۾ ڏٺو ويو لاري جو ڪرايو مڪ معظمہ کان مدينہ تائين آمد ورفت ڏنو ويو. 8_112 روپيہ هڪ سو ٻارهن روپيہ اٺ آنا روپيہ يا ريال ڏنو ويو هر هڪ حاجي صاحب جو. لاري رات جو 2 بجہ رابع منزل تي پهتي اتي ماني ڪاڌي وئي .رابع منزل جي مڃي مشهور معروف ساري عرب ۾ آهي جو هن منزل کي عام طرح حاجي صاحب رابق منزل سڏيندا آهن مگر ( ق) جو اچار غلط آهي صحيح نہ آهي مگر (ع ) جو اچار صحيح آهي چوٿين منزل رابع پوءِ صبح جو بدي جي منزل تي پهتاسين اتي صبح جي نماز پڙهي وئي ۽ ڪارڪون تازيون مليون جو باغ بدر مان خريد ڪري آياسين ڪائي شڪر ڪيوسين بدر جي لڙائي لڳي هئي. جا مشهور معروف آهي . جنهن جو ذڪر الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي.

بدر جي لڙائي لڳي جنهن ۾ فقط 13انسان ۽بشر اصحابي هئا. ٻيا سڀ ملائڪ آسمان تان نازل ٿيا 13 اصحاب شهيد ٿي ويا جو اتي بدر جي منزل تي سندن زيارت آهيِ اِها زيارت ڪرڻ سنت آهي ٻيا سڀ ملائڪ جنگ ۾ لڙيا جو جنگ فتح ٿي بدر جي جنگ جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن المجيد وفرقان الحميد ۾ فرمايو آهي

سورتہ العمران سيپاري 4 ۾ قوله تعاليٰ : ربڪم بثلثته الف من الملئڪته منزلين. يعني ٽيهہ هزار ملائڪ الله تبارڪ وتعاليٰ آسمان تان نازل ڪيا . وري ٻئي دفعي ساڳي سورت ساڳي سيپاري ۾ دوباره الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي تہ : ربڪم بخمسته الف من الملئڪته مسومين. يعني پنج هزار ملائڪ الله تبارڪ وتعاليٰ دوبار آسمان تان نازل ڪيائين جنگ لاءِ انهن ملائڪن پاڪن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو وار ونگوئي نہ ٿيو نہ تلوار ڪو اثر ڪيو ملائڪن کي اثر ڇا جو ٿيندو. جو نور مان پيدا ٿيل آهن نور کي اظهر تہ دائما پاڪ

۽ چمڪندڙ آهي . پوءِ اتان لاري هلي 10 بجہ منزل سعيد تي پهتي اتي حڪومت لاري روڪي ڇڏي جو ڏينهن گرم جي ڪري پوءِ شام جو 4 بجہ لاري کي اجازت ملي فقط ہہ منزلون هيون هڪ ٻئر علي يعني ڪوهہ علي مشڪل ڪشا سائين جو ۽ ٻئي منزل مدينہ عاليہ پاڪ اتي سج بيٺي پهتاسين . انهيءَ وقت جاءِ جي تلاش ڪئي وئي مدينہ اطهر ۾ اتي حاجي خيرمحمد کهڙي جي جڳهہ جي ڪوشش ڪري هٿ ڪئي وئي . حاجي خيرمحمد کهڙو بيلهاڙي شريف جو ويٺل آهي سنڌي جو اتي مدينہ اطهر ۾ 25 ڏينهن رهڻ ٿيو. هڪ روپيو روزانو جاءِ جي مسواڙ ڏني وئي ڏهن ڏينهن کان بعد اتاري پيا ڇڏن. ڇو جو حاجن صاحبن جي آمد گهٽي هجي جيڪڏهن ڪو بہ حاجي صاحب وڌيڪ رهي تہ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ روپيہ حڪومت ۾ ڀري ڏئي ڪل جملہ مدينہ پاڪ ۾ سرڪار مديني سائين جي حضور ۾ ۽ خدمت ۾ رهڻ ٿيو 25 ڏينهن ۽ جيڪي مدينہ عاليہ ۾ زيارتون هيون سڀ نصيب ٿيون . معلم حاجي خير محمد جي معرفت سان مدينہ اطهر ۾ معلم کي 10 روپيہ معلماڻو ڏنو ويو. بروقت حاجي خير محمد دعوت ڪئي پوءِ زيارت فيض بشارت سرڪار دوجهان شافع يوم الحشر لاءِ وياسين جو نصيب ٿي الحمد الله رب العالمين جو اتي حاجي منظور حسين سامٽيہ صاحب کي ملڻ وياسين سندس ڪوشش سان جاءِ لڌي وئي حاجي صاحب اصل ڪوٽڏيجي جو ويٺل آهي اتي هاٽي حياتي اتي پوري ڪندو . حاجي صاحب تمام خوش ٿيو تہ منهنجي ڳوٺ جا ڀائر مون کي ملڻ آيا آهن . جو حاجي سامٽيہ صاحب دعوت ڪئي تمام عاليشان. اسان عاجزن جي حيثيت ۽ عزت کان زياده هئي. پوءِ حاجي صاحب سان گڏجي زيارتن تي ويندا هياسين ۽ زيارتن کان پنهنجي حاجات ۽ مشڪلڪشائي لاءِ دعائون گهرندا هياسين.

وانتم الاعلون ان کنتم مومنين.

الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ الله سائينءَ جي محبوب رب العالمين دعائون قبول ۽ منظور ڪيون. نورچشم ماستر محمد صادق طولعمر وذيحياتہ جن جي شادي خانہ آبادي لاءِ دعائون گهريون ويون . سي قبول ۽ منظور ٿيون مگر حاجي سامٽيہ صاحب پنهنجي زبان مبارڪ کان جيئين فرمايو تيئين ٿيو مگر ظاهر ظهور ڪرامت ڪري ڏيکارياٿين الله تبارڪ وتعاليٰ حاجي صاحب کي منظور ڪيو آهي جهڙو نالو اٿس منظور حسين تهڙو ئي منظور ٿيل آهي حضور سرڪار مدني سائين جي ئي مٿس مهرباني ڪافي اٿس ۽ حضرت سيد المرسلين وخاتم النبيين حضرت نبي الله صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو مٿس راض ۽ پيار ۽ قرب فيض گهڻو اٿس جيڪو بہ عرض ڪن ٿا سو قبو ل ۽ منظور آهي جو حاجي صاحب روزانہ ڪچهري حضور ۾ ويندڙ آهي حاجي صاحب موصوف کي ڪوبہ ظاهر ۾ دڪان يا روزگار جو طريقو پيو ڪوبہ نذر ڪونہ آ . توڪلت علي الله تي ويٺا آهن مگر هلت چلت سندس اميرن وانگر آهي جڳهہ عاليشان آهي هڪ نوڪر دروازي تي ويٺل آهي حاجي رحمت الله صاحب عرب پاڙ شهر ڏي يا ڪنهن پاسي ڪونہ ويندا آهن . هڪ جاءِ تي ويٺا هوندا آهن

سرڪار تاجدار مدني سائين جي حضور ۾ حرم پاڪ ۾ وقت گذاريندا آهن عبادت ۾ هميشه هوندا آهن ڪنهن به انسان کي روزگار جي لالچ سان سوال ڪونه ڪندا آهن ۽ نه وري ڪنهن جي دروازي تي خيرات جي لالچ سان ويندا آهن دائما صبر ۾ رهندا آهن. جڏهن جهاز تي سفر مسافري ڪجي يا پير پائجي ته هي آيتون 21 دفعا پڙهي پوءِ پائجي ۽ سواري ڪجي ته خير وسلامتي ۽ امن وامان سان سفر پار ٿيندو. سوره هود سيپارو 12 قوله تعاليٰ في القرآن العظيم وفرقان الحميد. بسم الله مجريها ومرسها ان ربي لغفور رحيم. قوله تعاليٰ وما قدر الله حق قدره . ومن يتوڪل علي الله فهو حسبه ،سبحان الذي سخرلنا هذا وما ڪنا له مقرنين. وانا اليٰ ربنا لمنقلبون . جيڪڏهن جهاز ۾ طوفان اچي ته پوءِ گهڻي عاجزي سان الله الصمد پڙهجي يا قرآن پاڪ جي تلاوت ڪجي ته الله سائين رحم ڪري. ڪراچي کان جدي تائين جهاز جي پنڌ جو مفاصله 2125 ميل آهي ۽ جهاز جي رفتار في ڪلاڪ 13.5 ساڍا تيرهن ميل ڪندو هو. والله اعلم بالصواب. جده شريف کان مڪه معظمه تائين مفاصله پنڌ جو 70 ميل آهي ٻه منزلون پنجن يا ڇهن ڪلاڪن جون آهن اڌ پنڌ تي 35 ميلن تي منزل بحرين آهي ان منزل کي هدو به عام طرح سڏبو آهي ۽ مڪه شريف ۾ پهچي پيرين اگهاڙو گهمڻ تمام افضل آهي ادبت جي ڪري، استغفار ۽ توبه ۽ تنبيه يعني لبيڪ جي وڏي آواز سان ثنا پڙهجي حجر يمانيه جي سامهون هي آيت شريف پڙهجي.

قوله تعاليٰ في القرآن العظيم .سورت البقر سيپارو2 ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي.

ربنا آتنا في الدنيا حسنه وفي الآخرت حسنه وقنا عذاب النار. صفا مروه جي ڊوڙڻ کي سعيٰ چئبو آهي نه ٻئي ڪا ڳالهه وغيره.

دعا مقبوليت جون جايون .

1. بيت الله شريف ،خانه ڪعبه ، رب البيت ، مسجدالحرام. چئن ئي طرفن کان دعائون گهرڻ جائزآهن ۽ غلاف شريف کي چميون ڏئي روئي عاجزي سان دعا گهرجي.
2. ملتزم جي سامهون
3. حجر اسود وٽ منجهند جي وقت .
4. طواف ڪندي دعا گهرندو رهي .
5. رڪن يماني
6. حطيم ۾ ميزاب رحمت وٽ .

حجر اسماعيل وٽ سامهون بيهي دعا گهرجي .

7. بيت الله شريف جي پويان
8. رڪن يماني ۽ حجر اسود جي وچ تي .
9. مقام ابراهيم وٽ
10. بيت الله شريف جي ڏسڻ وقت .

11. بيت الله شريف جي دروازي جي سامهون
12. زمزم جي کوهہ جي اندر وڃي دعا گهري پاڻي پيئي.
13. باب النبي بني شيبہ وٽ .
14. باب ابراهيم وٽ .
15. صفا جي ٽڪري وٽ .
16. مروه جي ٽڪري وٽ
17. آڌي رات مسجد الحرام ۾
18. نماز تهجد وقت .
19. صفا ۽ مروه سعي ڪندي .
20. جبل ابي قبيس معجزه شق القمر وٽ
21. منيٰ ۾ جمره ڪندي يعني شيطان کي پٿريون هڻندي.
22. عرفات ۾ جبل رحمت وٽ جتي توبہ قبول پوندي آهي .
23. مزدلفه مشعرا لحرام وٽ .
24. جبل نور غار حرا ۾ .
25. جبل ثور ، غار ثور ۾
26. غار مرسلات ۾ جتي سورت مرسلات نازل ٿي آهي.
27. منيٰ ۾ مسجد خيف ۾ مگر پيون اچا بہ وڏيڪ جايون آهن مگر هن عاصي کان دور رهجي ويون
28. قرباني ڪرڻ وقت دعا گهرجي.

منيٰ مسجد خيف :

مسجدخيف ۾ پنج نمازون پڙهڻيون آهن. پاڻ حضرت نبي الله سائين جن پڙهيون آهن. اسان جي مٿان سنت ٿي ويون آهن. 1. صلوات الظهر ٻيپهري 2. صلوات العصر ٽيپهري 3. صلوات المغرب سانجهي واري 4. صلوات العشاء سومهڻي واري 5. صلوات الفجر. اهي ضروري اندر مسجد شريف ۾ پڙهڻيون آهن.

ذبح عظيم :

منيٰ ۾ قربانيءَ لاءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي فرزند ارجمند نورچشم لخت جگر حضرت اسماعيل عليہ السلام کي وٺي ويو جاءِ مٿي ٽڪري تي آهي جيستائين منا ذبح عظيم جي جاءِ تي پهتا تيستائين ابليس (شيطان) کين ٽي دفعہ رستي تي مليو مگر سچا پيغمبر هئا هن جي پلائڻ تي ڪونہ موٽيا. انهيءَ جاءِ تي اڳ قبو روضو هو مگر حڪومت هموار ڪرائي ڇڏيو آهي. ان جا ۽ تي نفل پڙهڻ سنت آهي ان جاءِ وٽ جيڪا ڪاٽي

شهادت لاءِ هئي اها اڄلي وئي ان جو اڄان تائين نشان موجود آهي .
جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي
سورت الصافات سيپاري 23 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن العظيم . وناديه ان يا ابراهيم قد صدقت الرءيا انا ڪذالڪ نجري المحسنين ان هذا لهوا لبلوء المبين وفد نينه بذبح عظيم. هي آيت سڄوري انهي شان ۾ نازل ٿي آهي .

نهر زبيده بي بي عليه السلام
حضرت بي بي زبيده هارون رشيد عباسي خليفہ جي فياض عورت پاڪ دامن ۽ عابد زاهد واصل بالله هئي دائما روزو هوندو هيس. بي بي صاحبہ وڏن خرچن ۽ تڪليفن سان نهر کيڙائي حاجن صاحبن جي پاڻي لاءِ تمام گهڻي سهوليت آهي . جزاهم الله في الدارين. اها نهر زبيده عرفات کان مذدلفه کان منيٰ کان مڪ معظمه تائين اچي ٿي انهن سيني شهرن ۽ وچ وارن ڳوٺن ۽ جيڪي سندس پر ڪيرتي آهن انهن کي پاڻي ڏئي ٿي جو حاجي صاحب لکها ۽ پکي پرندا ۽ جانور حيوانات وغيره پاڻي پي دعائون ڪن ٿا بي بي صاحبہ کي. الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙا نيڪ بندا صالح عابد عامل ڪامل پلي پيدا ڪري جو سندس نالو نشان قيامت تائين قائم رهندو ۽ آهي . هن زبيده نهر تي جيڪي خرچ بي بي صاحبہ ڪيو آهي هڪ ڪروڙ ۽ ست لک دينار سون جو ٿيل آهي الله تبارڪ وتعاليٰ بي بي صاحبہ جي جاءِ قيامت تائين جنت الفردوس ۾ ڪندو. آمين.

مسجد مزدلفه مشعر الحرام:
مسجد مشعرالحرام مزدلفه ۾ آهي ان جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت البقر سيپارو 2 ۾ ارشاد آيل آهي قوله تعاليٰ في القرآن الحڪيم. فَاذ ڪرالله عندالمشعرا لحرام واذڪروه ڪما هدالڪم وان ڪنتم من قبله لمن الضالين .
مزدلفه مان ڪڪريون پٿريون ميڙيبون آهن 39 انداز جمرن جي ريي سڏبي آهي ۽ سڏيندا آهن. جمرو ۽ رمون شيطان لعين کي سڏبو آهي 1. جمره عقبه 2. جمره وسطيٰ 3. جمره ڪبرا ۽ جمره اخريٰ بہ چئبو آهي اهي ٽئي نالا شيطانن جا آهن 10 تاريخ کان 12 تائين رمول ڪبر ۽ قرباني تاريخ 10 کان 12 تائين جائز آهي انهيءَ ۾ ڪري سگهجي ٿي . پوءِ احرام لاهبو. نہ اڳي قرباني کان.

مسجد نمره -مسجد ابراهيم :
مسجد ابراهيم عرفات جي حد اندر آهي .حضرت ابراهيم عليہ السلام جن نهرائي هئي اڳ ننڍي هئي تڏهن نالو نمره هيس. پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام وڏي عاليشان عمارت ڪئي پوءِ سندس نالو مشهور معروف ٿيو ان جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي قوله تعاليٰ في القرآن الڪريم وفرقان الحميد. فاذا افضتم من عرفات _ جبل

رحمت

قوله تعاليٰ ولله علي الناس حج البيت من استطاع اليه سبيلا. قوله تعاليٰ فاذكركم آباءكم اواشد ذكرا . قوله تعاليٰ ثم افيضوا من حيث افاض الله واستغفرالله ان الله غفور رحيم. فاذا قضيتم مناسككم فاذكرالله كذكركم آباء كم او اشد ذكرا.

قرباني ڪرڻ وقت دعائون :

قبل ڏي منهن ڪري قرباني جو جانور ليٽائي پوءِ دعائون پڙهجن. اني وجهت وجهي للذي فطرالسماوات والارض حنيفا وما انا من المشرڪين.قل ان صلاتي ونسڪي ومحياي ومماتي لله رب العالمين. لاشريڪ له وبذالڪ امرت وانا اول المسلمين اللهم منڪ ولڪ الحمد . قرباني ڪري پوءِ احرام لاهبو مٿو ڪوڙائي پوءِ آجو ٿيو گناهن کان . وغيره.

جيڪڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل عليہ السلام کي قرباني جو ذڪر ڪيو انهيءَ تي حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي والد صاحب کي هي جواب ڏنائين. قال يا ابا. قوله تعاليٰ في القرآن العظيم .

ستجدني انشاءَالله من الصابرين. سورت الصافات سيپارو 23 ۾ ارشاد آيل آهي .

جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام قرباني ڪئي حضرت اسماعيل عليہ السلام کي اکيون کولي ڏنائين تہ ڇا ٿو ڏسي تہ سبحان الله حضرت اسماعيل بيٺو آهي ان سان گڏ حضرت جبرائيل عليہ السلام بہ بيٺو آهي .قرآن پاڪ سورت الصافات سيپاري 23 ۾ ارشاد مبار ڪ آهي قال لله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن الحڪيم .سلام عليٰ ابراهيم ڪذالڪ نجزي المحسنين. وسلام عليٰ اسماعيل. عرفات شريف حد اندر جيڪي ٿنيا ۽ ٿلهيون آهن انهن جي حد کان اندر هي مسجد شريف آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام وڏي پئماني ۾ عمارت ڪئي آهي اڳ ننڍڙي هئي جنهنجو نالو نمره هيو پوءِ مسجد ابراهيم مشهور معروف ٿي لائيٽ ۽ اليڪٽرڪ جو بندو بست ڪافي ۾ ڪافي هيو مگر حج شريف جي ڏينهن جي وقت تائين پوءِ نہ .

پهريون بيت الله شريف اڳيون .

بيت الله شريف رب البيت خانہ ڪعبہ ۽ مسجد الحرام انهن نالن سان مشهور معروف آهي . بيت الله شريف اڳ زمين جي پيدا ٿيڻ کان هزارها ورهيہ سالن جا سال اڳي هيو. پوءِ وري حضرت آدم عليہ السلام ٺاهيو هيوءِ درست ڪيو جڏهن حضرت نوح عليہ السلام جو طوفان آيو تڏهن ملائڪ الله جي حڪم سان چوٿين آسمان تي کڻي ويا هئا. جو هن وقت تائين يعني قيامت تائين ملائڪ طواف ڪندا ٿا اچن . ان وقت الله سائين ان جو نالو بيت المعمور رکيو آهي جنهن کي ملائڪ طواف ڪري حج ڪندا آهن . جنهن جو ذڪر الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سور الطور سيپاري 27 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن

العظيم . الطور وڪتاب مسطور في رق منشور والبيت المعمور . هي بيت الله شريف حضرت ابراهيم ۽ حضرت ابراهيم عليہ سلام جي فرزند ارجمند حضرت اسماعيل عليہ سلام ٺاهي تيار ڪيو آهي ۽ هيو جيئن جو حجر اسود ۽ پٿر ابراهيم اهي ٻئي الله تبارڪ وتعاليٰ جي حڪم سان بهشت مان ياقوت ۽ مرجان موتي ۽ عقيق بہ انهي جي مٿان قربان ۽ شرمندو آهي ۽ رهندو. پهريان انهن جو رنگ سفيد کير وانگر هوندو هيو جو رات جي وقت روشني ڪندا هئا. گويا بجلي اليڪٽرڪ کي بہ طاقت نہ هوندي هئي. هينئر روشني ڪانہ ٿا ڪن اسان گنهگارن جي گناهن جو مٿن ڪافي اثر پيل آهي . جو اها ساڳي روشني ڪانہ ٿا ڪن ۽ صبر ۾ آهن.

بيت الله شريف جي حد اندر

بيت الله شريف حرم پاڪ جي حد اندر ٽن هزارن نبين سڳورن جا مقبره دفن ٿيل آهن حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي والده يعني بي بي هاجره عليہ السلام سميت حطيم جي ڏکڻ طرف هيٺ جاءِ آهي ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام بيت الله شريف جو گارو چونيڙ ٺاهيندا هئا ۽ تعمير ڪندا هئا. اها جاءِ اجا تائين هيٺ ڊوري وانگر آهي جيڪو بہ حاجي صاحب هڪ رات ساري عبادت ڪندو گويا ستر هزار راتن جي عبادت ڪيائين ۽ ثواب ان جوملندس مقام ابراهيم ۽ بئر زمزم جي وچ ۾ حضرت نوح ۽ حضرت صالح عليہ السلام جون قبرون آهن ۽ رب البيت حرم پاڪ کي 13 پوڙيون يعني ڏاڪا پٿر سنگ مرمر جا آهن . مڪہ معظمہ رب البيت خانہ ڪعبہ مسجد الحرام کي مڪيہ 24 دروازا آهن انهن جا نالا درج ڪجن ٿا. بحڪم الله تبارڪ وتعاليٰ ورسول اڪرم صلعم هي نالا مشهور معروف آهن ۽ رهندا.

اسماء ابواب الحرمين الشريفين المكه المعظمه و هي اربع و عشرون بابا .24.

جعل الله الكعبه البيت الحرام .
خانہ ڪعبه کي 24 دروازا آهن .
انهن جا اسم مبار ڪ هي آهن

1.باب النبي صلعم 2. قاتيبائي 3. باب السلام4.باب الدرينه 5. باب العباس 6. باب علي. 7 با ب النساءِ 8.باب البغله9.باب الصفا 10. باب الرحمه 12. باب التڪيه والعجلان 13. باب الحميديه 11. باب الجياد 14. باب الوداع 15. باب السليمانه 16. باب المحڪمه 17. باب الزياده 18. باب القطبيٰ 19. باب الباسطيه 20. باب الزمانيه 21. باب العتيق 22. باب العمره 23. باب الداريه 24. باب ابراهيم . وغيره وغيره .

نوٽ: باب الجياد کان اسان جو اچڻ وڃڻ آمدورفت جايون نزديڪ هيون اسان جون جايون ڪرائي تي انهيءَ دروازي کان نزديڪ هيون . ۽ برادرم حافظ حاجي عطاءُالله صاحب

جي جڳهه انهي دروازي ۽ اسان جي نزديڪ هئي. باب الجياد جي دروازي تي ابو لهب جي گهر جي جڳهه هئي جو هينئر اتي حڪومت حاجن صاحبن لاءِ پائخانه غسل خانه وضو جي جاءِ نلڪا پاڻي جا نهرائي ڇڏيا آهن جيئن حاجين جي ضرورت پوري ٿي سگهي باب النساءِ ڪان فقط عورتون زالون ايندين ويندين آهن ۽ عورتون انهيءَ دروازي ڪان نماز پڙهنديون آهن مردن کي انهيءَ دروازي ڪان اجازت نه آهي فقط عورتون زالون.

ابولهب هميشه پنهنجي ڏيئرن کي هدايت ڪندو هو انهيءَ گهٽي ۾ گندگي اڇلائي ڇڏيو جو اسان قريشن جو دشمن ۽ اسان جي بتن جو دشمن اتان لگهندو آهي هڪ ڏينهن سندس ڏيئر ڏسن ته سبحان الله محبوب رب العالمين ٿا اچن ڇا ڏسن ۽ ڇاٽيون چون. انت شمس، انت قمر، انت نور. انت مصباح الصدور، انت محبوب رب العالمين، انت بدر العجم، انت شمس العرب، انت قمر منير، انت محمد رسول الله حق، انت رحمة العالمين. سبحان الله سندن نياڻين کي به ڪيتري محبت هئي ۽ پاڻ لعين کي محبت ته ڪانه هئي مگر اجان به دشمني جنهنجو الله تبارڪ وتعاليٰ نگهبان آهي ته ان سان ڪيتري دشمني ڪري سگهندو الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سوره الحجر سيپاري 14 ۾ آيو آهي. قوله تعاليٰ في القرآن العظيم وانا له لحافظون. اي محبوب منهنجا مون تنهنجو نگهبان آهيان جنهنجو الله تبارڪ وتعاليٰ نگهبان ته پوءِ انسان ڇا ڪري سگهندو. ابو لهب ۽ ابو جهل ڇا ڪري سگهندا. نه ان کي ڪو نقصان پهچائي سگهندا.

رب البيت خانه ڪعبه کي ٿنيا ۽ ڪنگرا

مسجد الحرام جا ٿنيا جيڪي حرم پاڪ جي اندر ننڍن گنبذن کي آيل آهن سي سنگ مر مر جا آهن ٿنيا 684 ۽ ڪنگرا 1392 ۽ قنديل قناديل جهاڙو بتيون گولا بيٽريون اليڪٽرڪ جي پاور تي آهي 2000. بلڪ اجا به وڌيڪ آهن ۽ ڏکڻ ۽ اتر جي ڪنڊ تي ٽڪري آهي ان تي وڏو عاليشان لوهه جو منارو بنايل آهي جو ان ۾ اليڪٽرڪ جي پاور تي گولا ٻرندا آهن جو ساري شهر ۾ روشني ۽ نمائش ڏسڻ ايندو آهي تمام تيزيءَ سان

حرم پاڪ رب البيت جي ايراضي

ٻاهرين پٽن دروازن سميت حرم پاڪ جي اندر وغيره اتڪل سميت جميع 18 ارڙهنايڪڙ آهي مگر حاجي صاحب انهيءَ حج جي موقع تي پورا ڪونه ٿا پون. ٻاهر بازار ۾ نماز پڙهڻي پوي ٿي جاءِ نه هجڻ سبب.

مکه معظمه ۾
مقام (قبرستان)جنته المعليٰ
۽ مدينه اطهر ۾ جنت البقيع

انهن ٻنهي پاڪ مقامن لاءِ حديثون آهن جيڪو به انهن ٻنهن مقامن ۾ دفن ٿيندو ته انجي

لاش کي مٽي يا جيت يا ڪيڙو ڪونہ کائيندو ۽ قيامت تائين ان جو حساب و ڪتاب ڪونہ ٿيندو. بغير حساب رهندو امانت وسلامت رهندو جنت الفردوس ۾ داخل آهي ۽ ٿيندو. حديث شريف ۾ ايندو آهي تہ رياض الجنه ، بهشت جو ٽڪر يا حصو آهي .

جبل ثور يعني ڏيڱي اچي ڳالهايو هو.

جبل ثور مان ڏيڱي اچي ڳالهايو هو ۽ ڪلمون شريف پڙهي شاهدي ڏنائين تہ برحق رسول الله سچو ۽ آخر زماني جو نبي الله آهي پاڻ حضرت ڪريم سائين جن مڪي پاڪ کان هجرت ڪري غار ثور ۾ اچي رهيا هئا. ۽ سندس رفيق ساٿي غار ۾ فقط هڪ حضرت ابا بڪر صديق سائين رضي الله تعاليٰ عنہ هيو. حضرت ابا بڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جن غار جي هڪ سوراخ تي پير ڏئي ويهي رهيو ٿوري دير بعد نانگ سوراخ مان نڪري اچي حضرت ابابڪر صديق سائين جن کي ڏنگ هيو تہ بہ قدم مبارڪ پوئتي نہ هٽايائين. پاڻ سرڪار مدني سائين جن آرام ۾ هئا جڏهن آرام ڪري جاڳيا تہ حضرت ابابڪر صديق سائين جن کي ساري ڪيفيت پيش ڪئي پاڻ سردار عالم جن انهيءَ نانگ جي ڏنگ تي لعاب رکيائون تہ خير ٿي ويو زهر جو اثر غائب ٿي ويو. تنهن وقت پاڻ سردار دو جهان سائين جن حضرت ابابڪر صديق سائين کي صديق جو لقب عطا فرمايائون . انهيءَ غار جي منهن تي ڪوريئڙا جار ناهي غار جو منهن بند ڪري ويا. غار جي منهن تي هڪ قدرتي وڻ پيدا ٿيو بهشت مان ملائڪن وڻ ڪٽي اچي رکيو جنهن جو نالو سدرة المنتهيٰ هيو وري ملائڪ واپس عرش تي ڪٽي ويا.انهيءَ وڻ ۾ بن پکين ڪبوترن آکيرو ناهيو هو آنا ڦوڙي ٻچا ڪيائون حقيقت ۾ ڪبوتر تہ نہ هئا مگر ملائڪ هيا پوءِ ڪافر غار جي منهن تي اچي واپس ويا انهن ڪبوترن جونسل اڄ تائين خانہ ڪعبہ رب البيت مسجد الحرام ۽ مدينہ اطهر ٻنهي حرمن پاڪ ۾ اڄ تائين نسل بہ نسل رهندو ٿو اچي . ۽هيئنئر بہ موجود آهن. انهيءَ غارثور جي ڪبوترن ۽ ڪوريئڙن جي وغيره جن جي شان ۾ فرمايو آهي سورت العنڪبوت سيپاري 20 ۾ قال الله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن العظيم . اتخذن بيتا وان اوهن البيوت بيت العنڪبوت لوڪانوا يعلمون.

هن غار ثور ۾ حضرت ابابڪر صديق سائين جن جي شان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي قوله تعاليٰ في القرآن الحڪيم . ثاني اثنين اذهما في الغار اذ يقول لصاحبه لا تحزن ان الله معنا. اهڙا الله سائين سرڪار مدني سائين تي قرب ڪيا آهن تہ بہ شيعه انهيءَ پياري اصحابن سائين کان پاسيرا ۽ ٽيڙا آهن.

جبل نور غار حرا.

غار حرا ۾ حضرت سيد المرسلين وخاتم النبين محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي عبادت جي جاءِ هوندي هئي پاڻ ڪريم سائين جن اڪيلا غار ۾ عبادت ڪندا هئا.

ٿوري دير بعد حضرت جبرائيل عليہ السلام آيو ۽ حضرت محبوب رب العالمين کي سمهاري پيٽ مبارڪ کي چاڪ ڏئي سارو بدن مبارڪ نور سان پري ڇڏيائين مگر نور تہ اڳي ئي هئا مگر نور ۾ نور. نور عليٰ نور. اتي شهر مڪہ معظمہ جا چوڪرا موجود هئا وڃي شهر ۾ منادي گهمايائون جيڪو اسان سان يتيم چوڪرو ساڻ هو جنهن جو نالو محمد هيو انکي ٻن ماڻهن دسي پيٽ چيري ماري ڇڏيو ساري شهر جا ماڻهو گڏ ٿي آيا ڇا ڏسن تہ پاڻ سرڪار مدني سائين خوش ويٺا آهن انهيءَ وقت پاڻ ڪريم سائين جن نبوت جي دعوا ڪيائون پاڻ سيني قريشن کي فرمايائون آءُ رسول الله ٿيندس ۽ توهان سيئي مون تي ڪلمو شريف پڙهندؤ پوءِ سيني قريشن عرض ڪيو توهان پاڻ تي ڪلمون شريف ڪهڙي ريت ڪهڙي ترتيب چورائيندؤ. پاڻ فرمايائون :

لا اله الا الله محمد رسول الله ٿوري دير کان بعد پهريون دفعہ حضرت جبرائيل آيو غار حرا ۾ اول هي آيت آندائين ۽ نازل ٿي .سورت العلق سيپاري 30 ۾ جبرائيل عرض ڪيو ڇئو هي الفاظ پاڻ فرمايائون تہ آءُ اڻ پڙهيل آهيان.

اقرا باسم ربک الذي خلق. خلق الانسان من علق . اقراء وربک الاکرم الذي علم بالقلم. پوءِ رفتہ رفتہ قرآن مجيد نازل ٿيندو ويو جملہ 22 سالن ۾ ختم ٿي ويو گهٽي عرصي اندر جتي پاڻ ڪريم سائين جن هوندا هئا اتي قرآن پاڪ جبرائيل نازل ڪندو هيو. مڪہ معظمہ يا مدينہ پاڪ ۾ يا جبلن ۾ يا جهنگ ۾ آخري آيت شريف قرآن پاڪ جي هيءَ آهي سا درج ڪجي ٿي . سوره المائده سيپارو 6 ۾ نازل آهي . قوله تعاليٰ في القرآن الحکيم قال الله تبارڪ و تعاليٰ : اليوم اکملت لکم دينکم وَاتممت عليکم نعمتي ورضيت لکم الاسلام ديناً. قرآن پاڪ انهيءَ آيت تي ختم ٿيو پورو ٿيو.

مسجدن شريفن جون زيارتون

مکي شريف ۾ :

جملہ زيارتون جيڪي بہ مسجدون شريف آهن جن جي زيارت ڪيل آهي انهن جا نالا درج ڪجن ٿا . 1.مسجد داويه جنت المعليٰ جي رستي تي آهي. فتح مڪہ شريف وقت پاڻ حضرت ڪريم جن فتح جو جهنڊو چاڙهيو هو . 2. مسجد تنعيم هتي عمره جو احرام ٻڌبو آهي . 3. مسجد عائشه صديقه 4. مسجد زي طوي 5. مسجد غنم يا مسجد اجابه وادي محصب جي ڪناري تي آهي 6. مسجد شجره، هت حضرت ڪريم سائين جن سان وڻ ڇيرجي ڳالهايو هو ۽ ڪلمو شريف اچي پڙهيو تنهن ڪري مسجد وڻ واري سڏبي آهي . 7. مسجد حنيف: منيٰ ۾ آهي جامع مسجد آهي هن ۾ 75 نبي الله اندردفن ٿيل آهن 8 مسجد مزدلفہ ۾ مشعرالحرام، 9 مسجد نمره يا مسجد ابراهيم عرفات جي رستي جي ڪناري تي آهي . 10

مسجد عقبه 11 مسجد دار الخرمنا ۾ جمره اوليٰ ۽ جمره وسطيٰ جي وچ ۾ آهي پاڻ حضرت سرڪار مدني سائين جن حجة الوداع ۾ 63 اٺ اول قرباني ڪيائون پوءِ وري حڪم ڪيائون امير عثمان سائين کي تہ 37 اٺ قرباني لاءِ ڪاهي اچو جملہ ڪل اٺ 100 قرباني ڪيائون پنهنجن هٿن مبارڪن سان . 12 مسجد ڪبش جتي حضرت ابراهيم حضرت اسماعيل عليہ السلام جن کي منيٰ ۾ ذبح لاءِ ليٽايو هو. جنهن کي ذبح عظيم بہ چوندا آهن 13 مسجد جعفران 14. مسجد البيع: هن جاءِ تي حضرت اسماعيل ذبح جي لاءِ فديه دنبو بهشت مان جبرائيل آندو هو . 15 مسجد العباس: هت حضرت عباس سائين عم نبي الله بيعت ورتي هئي. 16 مسجد مرسلات ۽ غار مرسلات هت سورت مرسلات نازل ٿي هئي . 17 مسجد حمزه سائين جن جي 18 مسجد مولد: حضرت امير عمر سائين جن جي تولد جي جاءِ آهي سندن گهر بہ نزديڪ آهي 19 مسجد جعفران ابن ابي طالب جي آهي . 20 مسجد دارالخيرزان جي ٿهيل آهي هارون رشيد جي والده جي ٺهيل آهي . 21 مسجد شيخ المشائخ سيد عبدالقادر جيلاني سائين جن بغدادي صاحب پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان ٺاهي آهي . ڪوه صفا جي نزديڪ آهي يعني جبل ابو قبيس جي پاسي ۾ آهي . اتي محبوب سبحاني سائين جن 13 سال چلا ڪييا ۽ پچايا آهن . 22 مسجد دقاق المرقف: حضرت ابوبڪر صديق سائين جن جي ٺهيل آهي اتي 23 پٿر رکيل آهن جو نور ۽ بجلي وانگر چمڪندا ۽ ٻرندا آهن . ڳالهائيندا آهن 23 مسجد حجري يعني اتي پٿر مبارڪ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم سائين سان اچي ڳالهايو هو ۽ سلام ڪندو هيو ۽ صلوات مبارڪ پڙهندو هو ۽ ڪلمون طيب پڙهندو هو تنهنڪري مسجدحجري ڪري سڏبي آهي پٿري ڪلمون بحق لا اله الاالله محمد رسول الله ﷺ 24. مسجد جنيد بغداديه ڪوه قيقهان واري سڏبي آهي . 25 مسجد فرهاديه 26 مسجد دارالحجره 27 مسجد مديح چوندا آهن 28. مسجد خدمه جبل ابو قبيس جي نزديڪ آهي . 29 مسجد عثمانيه حضرت امير عثمان غني سائين ٺهرائي آهي. 30. مسجد فاطمہ بي بي سائنڻ خاتون جنت بي بي فاطمہ الزهرا صلوات الله عليها جن پنهنجن هٿن مبارڪن سان ٺاهي آهي . پاڻ حضرت سيد المرسلين صلوات الله عليہ اجمعين حج ڪري هر حال ۾ ضرور بضرور هڪ ڏينهن يا هڪ رات ترسندا هئا ۽ رهندا هئا. 31 مسجد جن: جتي سيني جنن اچي ڪلمون پڙهيو ۽ نبوت ظاهر ڪيائون .

جنايات يعني ممنوعات
منع جي حقيقت:

احرام ۾ هي ڳالهيون ناجائز ۽ مڪروهہ آهن 1. خوشبو لڳائڻ 2. ڪپڙا ڍڪڻ احرام ۾ 3. سر ۽ منهن ڍڪڻ 4. وار دور پري ڪرڻ ، نهن لاهڻ 5. جماع ڪرڻ 6. موزه پير جا هٿ ۾ ڪٽڻ7. شڪار ڪرڻ 8، حرم پاڪن جي جانورن ۽ ڪبوترن کي ستائڻ 9 . حرم پاڪن جي وڻ ۽ گاهن کي وڍڻ 10. مرد کي احرام ۾ سر ۽ منهن ڍڪڻ منع آهي . ۽ عورتن کي بہ منهن

ڏکڻ جي منع آهي وغيره اهڙيون مکيہ ڳالهيون تمام گهڻيون آهن مگر مختصر حقيقت لکجي ٿي نہ تہ وڏو داستان ٿي وڃي.

منيٰ: مکه معظمه کان
اوڀر ۾ ڇئن ميلن تي آهي :

مکہ شريف کان منيٰ تائين شهر ڦهليل آهي وچ ۾ مفاصلہ خالي جائن جو ڪونہ آهي منا کان عرفات شريف 4 ميلن جو مفاصلو آهي پاڻي جو بندو بست تمام نلڪن جو ڪافي آهي منيٰ کان عرفات اوڀر طرف آهي جتي جبل رحمت آهي اتي حضرت آدم عليہ سلام جي توبہ قبول پئي آهي ۽ بي بي ڏاڏي حوا عليہ سلام بہ اتي اچي ملي آهي ۽ ٻنهي جي توبہ اتي قبول پئي انهن نبين جي طفيل بہ اسان جي توبہ قبول پوندي انشاءَالله تعاليٰ. الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان هي حڪم ٿيو تہ توهان جي جيڪا اولاد حج ڪرڻ ايندي ان جي توبہ بہ قبول پوندي. حضرت آدم عليہ سلام هي آيت شريف 45 سال پڙهي پوءِ معافي مليس مهابي محبوب محمد رسول الله صلعم جي سورت الاعراف سيپاري 8 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن العظيم. ربنا ظلمنا انفسنا و ان لم تغفرلنا وترحمنا لنکونن من الخاسرين .عرفات شريف کان مذدلفه 4 ميل ڏکڻ طرف آهي مزدلفه کان منيٰ اتر ۽ اولهہ جي ڪنڊ تي 3 ميل ۽ جدي شريف کان مکہ معظم اوڀر طرف 70 ميل مفاصلي تي آهي . ۽ منيٰ ۾ قرباني جي جڳهہ هڪ ميل جي مفاصلي تي هئي. جمره ۽ شيطان جي پٿرن هڻڻ جون جايون هڪ ميل جي مفاصلي تي آهن ۽ هيون .مکہ معظمہ کان منيٰ ۽ عرفات ۽ مذدلفہ ڪرايو لاريءَ جو آمد رفت هر هڪ حاجي صاحب جو 35 روپيہ هيو ۽ منيٰ عرفات جي تنبوءَ جو ڪرايو 20 روپيہ هيو ۽ آهي. نڪا گرمي نڪا سردي موسم وڻندڙ هئي ۽ آهي.

مدينه اطهر جي منزلن جا نالا :

وادي فاطمہ: مکہ شريف کان اٺن جي سواري گهٽو پنڌ آهي 2. عسفان: هي اصحابن سڳورن ڇئن يارن سائين جن جو کوهہ آهي هتي مڇي ۽ کجور تازي ملندي آهي ۽ شهنشاهہ سعودي صاحب جي ڳوٺ رياض ڏا نهن رستو نڪري ٿو. 3. ارف: هت ساوڪ لون جا ورڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا 4. قديمہ: هت ملٽري سرڪار رهندي آهي اتي جايون بہ آهن. 5. رابع سمنڊ جي ڪناري تي آهي سمنڊ جو پاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو وغيره.هت ٽپال آفيس بہ آهي حاجن صاحبن جي لاءِ ٽپال جي گهڻي سهولت آهي هت ڪجين جا باغ گهڻا آهن ۽ هن منزل کي رابغ غين جا اچار سان ڪم آڻيندا آهن مگر غ لفظ غلط آهي ع صحيح آهي. 6 . مستوره 7. بئر شيخ المشائخ 8. بئراحساني 9. بئر خلص هتي چانهہ ملي ٿي. 10بئر قريش 11 . بئر عباس حضرت عباس سائين نبي الله صلعم جو کوهہ کوٽايل آهي . بئر ادريس هت حضرت ادريس عليہ سلام کوهہ کوٽايو آهي.

مکه معظمه کان مدينه اطهر تائين
کوهن جا نالا :

بئر البريق 2. ارم البريق 3. بئر الخبش 4. بئر الفائر 5. بئر معاشي 6.بئر علي بئر علي کان بعد مدينہ اطهر سائين فقط ٽن ڪلاڪن جو پنڌ آهي . 7 بئر عثمانيہ حضرت امير عثمان غني سائين خريد ڪيو هو جو يهودي ۽ جو اڌ پهريائين خريد ڪيائين 300 دينار ۾. وري پاڻ سرڪار تاجدار سائين جن حڪم ڪيو تہ اي امير عثمان سارو کوهہ خريد ڪر تہ حاجي صاحب پاڻي پي دعائون ڪن . حضرت شفيع المذنبين جي حڪم موجب سارو کوهہ خريد ڪيائين. باقي جيڪو اڌ رهيل هو 400 ريالن ۾ سمورو کوهہ حضرت امير عثمان سائين جي نالي تي مشهور معروف آهي اهو سارو کوهہ وقف ٿيل آهي حاجن صاحبن لاءِ . 8. بئر ڪوثر کوهہ مدينہ پاڪ جي حرم پاڪ جي اندر صحن ۾ هيو هينئر اهو حڪومت نجدي صاحبن جن جي لٽرائي ڇڏيو آهي هينئر نشان ظاهر ڪونہ آهي. اهو کوهہ پاڻ حضرت سيد المرسلين و امام الانبياءَ نبي الله سائين صلعم جن پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان کوٽايو هو انهي کوهہ جو نالو مبارڪ پاڻ حضرت ڪريم سائين جن رکيو هيو عام انهيءَ کوهہ کي قريش بئر نبي الله ڪري سڏيندا هئا مگر حقيقت نالو مبارڪ بئرڪوثريعني آب ڪوثر بهشت جي باغن ۽نهرن مان هڪ کوهہ هيو جو هينئر حڪومت شهيد ڪرائي هموار ڪري ڇڏيو آهي . عن احاديث قال رسول الله صہ

من زاد قبري و جبت له شفاعتي.

ترجمہ: جنهن منهنجي مقبري جي زيارت ڪئي ان تي منهنجي شفاعت روز قيامت ڪرڻ واجب آهي ۽ ٿيندي. حديث شريف ۾ آيل آهي تہ قال النبي صلي الله عليہ وسلم:

من زادني بعد مماتي فڪانها زادني في حياتي .

الله تبارڪ وتعاليٰ محبوب رب العالمين جي شان ۾ سارو قرآن پاڪ نازل ڪيو آهي مگر هي آيتون شريف صاف ظاهر ظهور شان ۾ آهن . الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت الانبياءَ سيپاري 17 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن العظيم .

وما ارلسلناک الا رحمته للعالمين . وري دوبار الله جل جلاله فرمايو آهي سورت الاحزاب سيپاري 22 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن الحڪيم . ان الله وملئڪته يصلون علي النبي ياايهاالذين آمنوا صلوا عليہ وسلموا تسليما. الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ ۽ سندس ملائڪ حضرت محبوب رب العالمين تي روز و شب ۽ قيامت تائين صلوات مبارڪ پڙهن ٿا ۽ پڙهندا رهندا . مسجد تنعيم هت عمره جو احرام ٻڌبو آهي ۽ لاهبو آهي هي مسجد حضرت بي بي هاجران صديقہ جن پنهنجن هٿن سان درست ڪئي آهي جنهن جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ سورت البقر ۾ سيپاري 2 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن الڪريم. واتمموا الحج والعمره الله . قوله تعاليٰ . فاذا امنتم فمن تمتع بالعمره الي الحج. پاڻ حضرت سيد الانام صلعم جن حج ڪري هت اچي عمره لاءِ ايندا هئا ۽ ڪجهہ

وقت بہ ترسندا هئا دائماً.

## مدينه منور جي
## حرم شريف جو بيان :

حرم پاڪ جي مسجد نبوي هينئر اٽڪل 6 ايڪڙن ۾ آهي تہ بہ حاجي صاحب پورا نماز وقت ڪونہ ٿا پوڻ ٻاهر بازار جي حد ۾ نماز پڙهجي ٿي . هاڻي شهنشاهہ سعودي عرب آس پاس جون جايون خريد ڪري حرم پاڪ يعني مسجد نبوي کي گهڻي انداز ۾ ڪشادو ڪري وڌائي ٺهرايو آهي مگر اجان تيار نہ ٿي آهي مگر تمام گهڻي تيزي سان ڪم هلي ٿو. ڇن سالن جي اندر ڪم تيار ٿي ويندو سنگ مرمر جو عاليشان فرش ٿو لڳي سنگمرمر سفيد ۽ ڳاڙهو ۽ ڪارو سائو ۽ پيلو ۽ سونهري رنگ تي وغيره وغيره اندر عاليشان پشميندار غاليچا ريشمين پيل آهن انسان کي ڪهڙي طاقت آهي جو بيان ڪري سگهي يا لکي سگهي 5 عاليشان دروازا آهن 1. باب السلام 2 باب رحمت 3. باب المجيديه4.باب النساءِ 5. باب جبرئيل عليہ السلام جتي جبرئيل عليہ سلام قرآن پاڪ نازل ڪندو هو . ۽ پاڻ جبرئيل ۽ حضرت سرڪار مدني سائين جن پاڻ ۾ گفتگو ڪندا هيا ۽ حڪم احڪام ٻڌائيندا هئا. ۽ منارا حرم پاڪ مسجد نبوي کي 5 آهن. 1. باب السلام 2. باب الرحمته 3. باب اشڪليت 4. باب سليمانيه 5. منارو حضرت بلال بانگي سائين جو آهي هميشہ قائم آهي .

## مسجد نبوي؛
## حرم پاڪ کي ڇهه محراب آهن :

محراب نبوي رياض الجنه 2. محراب عثمانيه هتي هينئر پيش امام صاحب جن نماز پڙهائيندا آهن .3. محراب سليمانيه 4. محراب فاطمه هينئر اندر پنجري جي آهي روضي اطهر جي اندر آهي . 5. محراب تهجدي 6. محراب بيت المقدس ڏانهن آهي اتي هينئر نماز ڪانہ ٿا پڙهن ۽ باب النساءِ جي نزديڪ آهي اتر طرف آهي .

حديث شريف ۾ ايندو آهي تہ قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم مابين بيتي وممبري روضه من رياض الجنته

باب السلام ۽ باب رحمت وٽ هڪ عاليشان ڪتب خانہ ۽ مدرسہ آهي . اهو ڪتب خانو ۽ مدرسہ حضرت امير عثمان سائين جن جي ڪوشش سان تيار ٿيو آهي اجا تائين قائم مقام آهي ۽ رهندو. باب رحمت ڪان وضو لاءِ پاڻي جا نلڪا ۽ غسل خانہ ۽ پائخانہ حاجن صاحبن لاءِ موجود آهن ۽ رهندا . تمام گهڻي سهولت آهي تڪليف جو باعث ڪونہ آهي . حرم پاڪ ۽ روضو اطهر حضرت محبوب خدا پياري رسول ڪريم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو حضرت شهنشاهہ سلطان ترڪي صاحب روضو اطهر قبو مبارڪ عبد المجيد خان تيار ڪرايو آهي . ۽ خدمت ڪئي اٿس . الله تبارڪ و تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ داخل ڪندو

. آمين ثم آمين سال هجري 1171 ۾ تهرائي تيار ڪرايو آهي هينئر اجان تائين اهڙوئي نئون بينل آهي گويا ڪنهن اڄ تيار ڪرايو آهي جو ڪاريگر ۽ مستري هاٿي ڪم پورو ڪري وڃن ٿا الحمدالله رب العالمين ڪل خرچ ٿيل ۽ ڪيل 80 لک سونيون اشرفيون ۽ گينيون ۽ سونيون ڏنگيون خرچ ٿيل آهن والله اعلم بالصواب. باقي 20 لک بچاسي نلڪن ۽ غسل خانن ۽ پائخانن تي خرچ ڪيل آهي پورو خرچ هڪ ڪروڙ اشرفن ۽ ڏنگين سون ۽ خرچ ٿيل ۽ ڪيل آهي صد بار رحمتہ مٿس هجي جو پنهنجو گهر بهشت ۾ جوڙائي چڏيائين. بهشت مان حصہ وٺي خريد ڪري ڇڏيائين قيامت تائين.

پنجري پاڪ
۽ روضي اطهر جو بيان:

هي رياض الجنتہ آهي بهشتن جي باغن مان هڪ باغ آهي اهڙو حديثن مان ثابت آهي جو مٿي لکي آيا آهيون حضور حضرت نبي الله صلعم جو جن روضہ اطهر ۽ گنبذ سائي رنگ سان پريل آهي. مڪہ معظمہ ۽ مدينہ عاليہ جي روضي پاڪ جي مٿان ۽ رب البيت خانہ ڪعبہ کي ملائڪ مٿان پرن جي ڇانو ڪيون بيٺا آهن وري ڀيا اچن ٿا انهن کي قيامت تائين وارو ڪونہ اچي ٿو سدائين سڪ ۾ ٿا رهن ۽ اهي ملائڪ حاجي پيا ٿا سڏجن آسمانن ۽ عرش معليٰ تي هن وقت تائين ڪو بہ پڪي مٿان ڪونہ وينو آهي ڇو جو ملائڪ پهري تي بيٺل آهن. نہ وري ڪو مٿان پکي اڏامي سگهي ٿو ۽ پنجري پاڪ کي بہ اندر بہ پنجرا آهن پهرين اندر اسان جو پيارو رسول الله صلعم جن آهن جو جنت النعيم ۾ آرام ڪري رهيا آهن باقي اندر روضي اندر بہ وڏا خليفہ اصحاب رضہ راشده آرام ڪري رهيا آهن. پهريون خليفہ اول حضرت ابابڪر صديق سائين رضي الله عنہ، خليفہ ٻيو ثاني حضرت امير المومنين عمر ابن الخطاب سائين رضي الله عنہ جن آرام ڪري رهيا آهن. ۽ ٿورو اتر طرف حضرت عيسيٰ روح الله جن جي مقبره جي جڳهہ آهي انهيءَ کان اولهہ طرف مقبره حضرت بي بي سائنڙ خاتون جنت بي بي فاطمہ الزهرا جن جو مقبرو آهي مگر بي بي سائنڙ خاتون جنت جو مقبرو مقام جنت البقيع ۾ آهي اتي عام طرح معلم زيارت ڪرائيندا آهن والله اعلم بالصواب مگر اختلاف آهي الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي غيب ۽ ڳجهہ کي ٿو ڄاڻي ۽ سمجهي.عشا جي نماز کان بعد جيڪي خدام خسره رهندا آهن انهن مان هڪ وڃي اندر روضي پاڪ کي صاف ڪري ايندو آهي ۽ جنهن دروازي تي حضرت جبرئيل بيهندو هيو ۽ هي آيت شريف بلند آواز سان پڙهندو هيو مگر ٻيا اصحاب ڪرام ۽ قريش ڪونہ ٻڌندا هئا فقط پاڻ حضرت رسول الله صلعم جن ٻڌندا هئا جيڪو بہ قرآن پاڪ نازل ٿيندو هيو اهو ٻڌي پڙهي ياد ڪري واپس ايندا هئا مسجد نبوي يا حرم پاڪ ۾ حضرت جبرئيل عليہ السلام جن هي آيت شريف وڏي آواز سان پڙهندا هيا ۽ سلام بہ چوندا هئا . السلام عليڪ يا نبي الله السلام عليڪ يا رسول الله صلعم قولہ تعاليٰ في القرآن الحڪيم سورت الاحزاب سيپارو 22 ۾ نازل

تي آهي ان الله وملائڪته يصلون علي النبي يا ايها الذين آمنوا صلوا عليہ وسلموا تسليما.

## مدينه منوره حرم پاڪ اطهر

مدينہ منور حرم پاڪ ۾ هميشہ صبر ۽ شڪر ۾ رهجي ۽ توبہ استغفار گهڻو پڙهجي ۽ قرآن پاڪ ۽ صلواتون مبارڪ گهڻي پڙهجي ۽ حضرت محبوب رب العالمين جي روضي اطهر ڏي گهڻو توجهہ ڏجي ۽ ڪجي . مدينہ اطهر ۽ رب البيت خانہ ڪعبہ مسجد الحرام ۾ جيڪو بہ شخص يا حاجي صاحب هڪ روزو رکندو گويا هڪ لک روزي جو ثواب ملندس ۽ هڪ روپيہ هڪ ريال يا هڪ دينار يا هڪ اشرفي يا هڪ ڪارڪ خيرات ڪيائين. هڪ جي عيوض هڪ لک خيرات جو ثواب ملندو ۽ هڪ ختم ڪلام الله شريف جو ڪيائين گويا هڪ لک ختم پڙهيائين ۽ هڪ لک جو ثواب حاصل ڪيائين. جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي سورت الحجرات سيپاري 26 ۾ تہ نبي الله رسول الله جي آواز کان پنهنجو آواز وڏو گهڻو بلند نہ ڪيو ڇو جو نبي الله حبيب الله صلعم جي آواز سان مقابلو نہ ڪيو ۽ نہ وري ڪري سگهندؤ. قال الله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن العظيم.

ياايهاالذين آمنوا لا ترفعوا اصوامڪم فوق صوت النبي ولا تجهروا بالقول ڪجهر بعضڪم لبعض ان تحبط اعمالڪم وانتم لا تشعرون.

## زيارتون: مقام جنته البقيع
## مدينه اطهر ۾

باب جبرئيل کان نڪري ڏڪڻ طرف تي گهٽي هلندي ۽ نڪرندي آهي اها وني جنت البقيع مقام ۾ داخل ٿبو ۽ پهچبو. جنت البقيع جي پڇاڙي ۾ زيارت حضرت امير المومنين خليفہ ثالث ذي النورين عثمان ابن عفان رضي الله عنہ جن جي آهي مٿس قبو هيو سو هينئر حڪومت نجدي صاحب شهيد ڪرائي هموار ڪرائي ڇڏيو آهي وغيره تنهن کان بعد زيارت ابا سعيد خدري پوءِ زيارت سيدنا بي بي فاطمہ والده حضرت شير خدا علي ڪرم الله وجهه تنهن کان بعد بي بي دائي حليمان سائڻ صاحبہ پوءِ احد جبل جاشهيد صاحب پوءِ سيدنا نافع ابن عمر ابن الخطاب رضي الله عنہ.

پهريائين پهريائين امت ۽ قريش ۽ مدينہ پاڪ ۾ حافظ قرآن پاڪ جو ٿيو پوءِ ٻيا بہ اتان هو آهستہ آهستہ حفظ جي تعليم عرب شريف جا گهڻا وني ويا رفتہ رفتہ . پوءِ زيارت سيدنا حضرت ابراهيم ابن رسول الله صلعم پوءِ زيارت امام مالڪ ۽ سيدنا عقيل ابن ابي طالب رضي الله عنہ پوءِ زيارت حضرت شفيع المذنبين جن جا حرم پاڪ يعني روضہ اطهر اهليہ 9 گڏ هڪ جاءِ تي آهن ۽ بي بي عائشہ صديقه رضي الله عنہ جدا آهن تنهن کان بعد حضور اڪرم صلعم جون نياڻيون 3 تنهن کان بعد حضور جن جون پڦيون 2 گڏ آهن تنهن تي روضو اطهر هيو سو حڪومت نجدي صاحب ڊهرائي ڇڏيو آهي . پوءِ اول زيارت عم نبي الله

صلعم يعني حضرت ڪريم سائين جن جو چاچو حضرت عباس سائين رضي الله عنه، پوءِ حضرت امام حسن سائين پوءِ حضرت امام زين العابدين سائين پوءِ حضرت امام محمد باقر سائين. پوءِ حضرت امام جعفرصادق سائين تنهن ڪان بعد الهندي طرف نزديڪ سيدنا حضرت بي بي سائڻ خاتون جنت بي بي فاطمه الزهرا بنت رسول الله صلعم اهي ڇهه مقبرا هڪ ئي روضي اطهر ۾ هيا جو روضو حڪومت نجدي صاحب شهيد ڪرائي هموار ڪرائي ڇڏيو آهي . نانءُ نشان ئي ڪونه آهي. پوءِ سيدالمرسلين امام الانبياءَ والمرسلين احمد مجتبيٰ صلعم جن جون چاچيون پوءِ سيدنا حضرت اسماعيل ابن امام جعفر صادق سائين جن جو قبو (روضو) آهي ان جو حڪومت دروازو بند ڪرائي ڇڏيو آهي اڌ روضي مبارڪ جو اجان قائم بيٺل آهي جو پنهنجي همت ۽ ڪرامت سان مزدور مٿي چڙهن ته اچي هيٺ سر پر ڪرن ، ۽ ڪنڌ تڪرتي پوين سبحان الله وبحمده. پوءِ زيارت حافظ الحديث ارڙهن هزار حديثون مبارڪ ياد هوس. پوءِ بين اصحابن ۽ قريشن ڪي به ياد ڪرايائين پوءِ زيارت حضرت ميسره سائين رضي الله عنه. اسان جو مهيسر ذات ڏاڏو صاحب، مگر مقبره تمام ضعيف آهي هموار ٿيل آهي مگر مشهور معروف نه آهي وڏن تڪليفن سان لڌو ۽ زيارت نصيب ٿي . ڏاڏو سائين بي بي سائڻ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جو نوڪر هيو زرخريد ٿيل هو. پئسن سان پانهون خريد ڪري ورتو هئائين پوءِ آزاد ڪيائون. پوءِ مارڪيٽ ڪان الهندي طرف هڪ ميل پنڌ جي مفاصلي تي مسجد آهي ان جو نالو مسجد جمعه آهي اتي سورت جمعه نازل ٿي آهي ۽ لٿي آهي . تنهن ڪري نالو جمعه مسجد رکيو ويو آهي پوءِ اڳتي به ميل پنڌ جي مفاصلي تي مسجد قبا آهي اها پاڻ ڪريم سائين جن ڪجن جي چڙهت ۽ لڪڻ سان پنهنجي هٿن مبارڪن سان ٺاهي آهي . انهيءَ ڪي اول مدينه ڪري سڏبو آهي ۽ پهريائين نالو يثرب هيو پوءِ پاڻ سرڪار مديني سائين جن آيا پوءِ شهر رسول الله صلعم جن جو سڏجڻ ٿيو مسجد قبا ۾ هي آيت شريف نازل ٿي آهي . سورت التوبه سيپاري 11 ۾ قال الله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن الحڪيم . لمسجد اسس علي التقويٰ من اول. هن مسجد شريف ۾ نفل پڙهڻ سنت آهي پاڻ حضرت ڪريم صلعم جن فرمايو آهي هت نفل پڙهڻ حج عمره جو ثواب آهي ۽ ملندو . هن مسجد جي اتر طرف هڪ کوهه آهي مٿس گنبذ ٺهيل آهي . ان ۾ انهيءَ کوهه ۾ حضرت سيد المرسلين شافع روزِ جزا صلعم جن جو ويندو مبارڪ يعني منڊي مبارڪ حضرت اميرالمومنين عثمان ابن عفان رضي الله تعاليٰ عنه جن ڪان کوهه ۾ ڪري پيو مگر انهيءَ وقت سرڪار باري تعاليٰ ڏانهن حڪم ٿيو ته اهو ويندو منڊي مبارڪ ڪٽي اچو. انهيءَ مهل حضرت جبرئيل عليه السلام سائين جي حڪم موجب کوهه مان ويندو ڪٽي ويو انهيءَ وقت عرش عظيم معليٰ تي ڪٽي وڃي سرڪار رب العالمين جي حضور ۾ پيش ڪيائين اجان تائين عرش معليٰ تي رکيل آهي جو عرش معليٰ جي سونهن ۽ عزت آهي پوءِ انهيءَ جي نزديڪ باغ آهي ان جو نالو باغ فدڪ آهي ان ۾

ٿوريون ڪجيون ۽ ميون جا وڻ بيٺل ۽ گل بہ آهن. باغ تمام ٿورو آهي انهيءَ جي شان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت حشر سيپاري 28 ۾ قال الله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن الڪريم . قوله تعاليٰ . ما افاءَ الله عليٰ رسوله من اهل القريٰ فل لله والرسول ولذي القربيٰ واليتميٰ والمسڪين وابن السبيل.

انهيءَ آيت سڳوري مان صاف صاف ثابت آهي مسڪينن ۽ يتيمن جي لاءِ وقف آهي باقي اجائي اعتراض آهي تہ ڏاج ۾ مليل هو ۽ آهي پوءِ ڇو بي بي سائڻ ڪان ورتو ۽ ڪسيو ويو. هن آيت مان ظاهر ثابت ٿيو تہ حق مسڪينن ۽ يتيمن ۽ ڇورن ٻارن جو آهي انهيءَ فدڪ جي باغ مان جيڪا پيدائش ٿئي ٿي اها يتيم خانہ جي يتيمن کي ڏني وڃي ٿي جو ان مان خوراڪ وغيره ملي ٿي . في سبيل الله خيرات طور باغ فدڪ جي پرسان باغ فاطمہ آهي بي بي سائڻ خاتون جنت صلعم جن پاڻ رکرايو هيو. جو اهو باغ پنهنجي حياتي ۾ وقف ڪري ڏنو هو في سبيل الله . حرم پاڪ جي خرچ ۽ خير ۾ هاڻي ان مان هڪ وڏو عاليشان مدرسہ تيار ٿيل آهي جنهن ۾تقريباً طالب علم جي طلب ڪن ٿا انهن جي خوراڪ باغ فاطمہ جي پيدائش مان ٿيندي آهي ان جو نالو مدرسہ جو رکيو ويو آهي مدرسہ عثمانيہ حضرت امير المومنين سيدنا عثمان غني رضي الله عنہ جي نالي تي مشهور و معروف آهي اجان تائين قائم محمود آهي . باغ فاطمہ رضي الله عنها جي باغ ۾ معجزه واريون ڪجيون آهن يعني ڪلمہ شريف واريون اجان انهن جو نسل بہ نسل موجود آهي ۽ رهندو ٿو اچي ۽ هوندو. انهيءَ جي اولهہ طرف مسجد آهي ان جو نالو مسجد شمس آهي جنهن ۾ سورت شمس نازل ٿي آهي ۽ اتي شمس يعني سج پاڻ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن موٽايو هو جو لهي غائب ٿي ويو هو وري حڪم سان موٽي آيو وقت عصر جي نماز ادا ڪيائون.

حضرت امير المئومنين مشڪل ڪشا شير خدا علي المرتضيٰ رضي الله عنہ نماز عصر جي اداڪيائون اهڙيون ڪروڙين ڪرامتو ن حضرت شفيع المذنبين صلي الله عليہ وسلم جن جون آهن . مسجد مهميرا پاڻ حضرت نبي الله صلعم هڪ ٽڪري تي وينا هئا پاڻ اصحابن ۽ جماعتن سميت اتي گاهہ تي وينا هئا سرڪار مدني سائين جن فرمايو تہ هي گاهہ نہ آهي بلڪ مهميرو آهي هي اکن ۾ وجهڻ ۽ پائڻ سان اکيون روشن ٿينديون روشنائي گهٽي ڪنديون پوءِ انهي گاهہ مان عام طرح عرب جا قريش گاهہ پٽي اکين۾ وجهندا هئا ۽ گاهہ سرمي طور اکين جي روشنائي بلڪل گهٽي ٿي ويندي هئي انڌيري غائب ٿي ويندي آهي انڌن ۽ شب ڪوري لاءِ مفيد ۽ مجرب افضل واعليٰ آهي هاڻي حاجي صاحب عام طور مديني عاليہ مان مهميرو آڻيندا آهن جو هت ڪامياب ٿي ٿو نئون نور ٿو پيدا ٿئي برڪت حرمت سرڪار مديني سائين جي سان احد جبل جي نزديڪ هڪ وادي آهي جو اتي جيڪو بہ ماڻهو ڦتيل ياڦرڻن سان هجي اها متي يا گپ پنهنجي بدن کي لائي ۽ مکي تہ ڦٽ يا ڪابہ بيماري هوندي ايها ڇڏي ويندي پاڻ محبوب رب العالمين جن زبان مبارڪ مان فرمايو آهي

تہ هت جيڪو بہ ايندو اهو شفاياب ٿي ويندو بحڪم الله تعاليٰ ورسول الله صلعم مدينه اطهر ڪان نڪري باب جبرائيل ڪان ڏکڻ طرف هڪ ميل پنڌ جومفاصلو آهي مدينه پاڪ ڪان جتي حضرات حسنين رضي الله عنهم جن راند لاءِ هڪ ٽڪري تي ويا هئا راند لاءِ گهٽي دير ڪان بعد حضرت علي المرتضيٰ شير خدا ۽ بي بي سائڻ حضرت خاتون جنة حضرت فاطمه الزهراء رضي الله عنها اتي ٽڪري جي ماٿرتي جناب حضرات حسنين سائين جن کي ڳولي لڌائون ٿوري دير بعد جناب حضرت محبوب رب العالمين صلعم بہ آيا ٿوري دير ڪان بعد مينهن جي بوند ۽ ڪڻ ڪڻ بہ شروع ٿي تہ پاڻ سرڪار مدني سائين جن پنهنجي لوئي چادر مٿان وڌائون ان ۾ فقط پنجتن پاڪ اندر هئا ۽ رهيا ۽ ايتري ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام هي آيت شريف نازل ڪيائين ۽ حاضر ٿيو ۽ فرمايائين تہ اڄ ڪان بعد توهان پنجتن اهل البيت پاڪ ٿيو آيت شريف سورت الاحزاب سيپاري 22 ۾ وارد ٿي :قوله تعاليٰ في القرآن العظيم انما يريد الله ليذهب عنڪم الرجس اهل البيت ويطهرڪم تطهيرا. هي آيت شريف تطهير واري ڪري سڏبي آهي يعني خاص اهل بيت جي شان ۾ نازل ٿي آهي ۽ اتي انهيءَ ٽڪري تي حضرت رسول خدا صلعم جن جي اٺ ڏاچي مبارڪ جو مقبره آهي پٽ جي اندر نهيل آهي جڏهن احد جي جنگ ۾ رسول الله صلعم جو چاچو حضرت اميرالمئومنين حمزه سائين جن شهيد ٿي وياتان جو غم ۽ ڏک مان اٺ ڏاچي تي سوار ٿيا آهن اجان تائين اُٺ جا پير مبارڪ ظاهر بينا آهن گوياڪ اڄ سوار ٿيا آهن اُٺِ جا پير ٽڪر ۾ ايئن لٿا آهن جيئن گپ ۾ يا مکڻ ۾ لٿا آهن ۽ دلدل حضرت مشڪل ڪشا علي المرتفيٰ رضي الله عنہ جن سوار ٿيا آهن دلدل تي جو پير اجان تائين ظاهر ظهور بينا آهن گپ ۽ مکڻ ۾ لهي ويا آهن اهڙا قرب قريشيءِ سان قادر ڪيا آهن ۽ اجان بہ هوندا.

مسجد شمع هت پاڻ رسول خدا صلعم جن عصا يعني لٺ مبارڪ رکيائون تہ بجليءَ وانگر شمع ٿي ٻري ۽ بجلي ڪان بہ زياده روشني ڪيائين مسجد تي انجو نالو مسجد شمع رکيائون اتي نفل پڙهڻ اڌ عمره جو ثواب آهي ۽ ملندو الحمد الله رب العالمين. زيارت احد جبل عم رسول الله صلعم حضرت نبي الله سائين جن جو چاچو حضرت امير حمزه سائين شهيد بادشاهہ رضي الله عنہ ٻئي زيارت ۽ مزار مبارڪ آهن هڪ اصحاب شهيد سائين جن جي آهي جنهن جو اسم مبارڪ معلوم نہ آهي مگر حضرت امير صاحب حمزه رضي الله عنہ جن جو سوٽ آهي هاڻي حڪومت نجدي صاحب قبو يعني روضو مبارڪ عم رسول الله صلعم جن جو شهيد ڪرائي ڇڏيو مگر قبر جو ٿو رو نشان قائم آهي ۽ اتان جبل احد مان هڪ نحر جبلن مان اچي ٿي جو انجو پاڻي تمام منوءِ ٿڌو آهي تمام تيزيءِ سان ٿي نڪري ۽ وهي ۽ هلي جو مدينه عاليہ جي باغن ۽ شهر ۽ حاجن صاحبن کي پاڻي پياري ٿي تمام ڪافيءِ ۾ ڪافي سبزي ۽ ساوڪ گهڻي آهي باغ ۽ لون جا ڪوچا تمام گهڻا آهن احد جبل تي هڪ چاڙهي آهي اتي هڪ پٽ جو نشان آهي جو جنگ ۾ ڏند مبارڪ شهيد ٿيو هو اهو

اتي رکيل آهي حضرت نبي الله صلعم جن جو اها زيارت ڪرڻ واجب آهي شام جي ملڪ ڏانهن رستو آهي انهيءَ رستي جي اتر طرف غار آهي انجو نالو غار نعم آهي انهيءَ غار مان ڳوه اچي ڳالهايو ۽ لک دفع سجده ۽ سلام ڪيائين ۽ ڪلمہ طيب پڙهيائين لااله الاالله محمد رسول الله صلعم برحق سچو نبي آهي آخر زماني جو شافع آهين اتان وري ٿورو پنڌ ڪيائون هڪ ميل تہ عرب ٻڪريون ۽ رڍون ٿي چاريائين ۽ جهليو بيٺو هو ٻڪرن ۽رڍن پاڻ حضرت ڪريم سائين جن ڏٺو تہ ڪاٺ چرڻ ۽ پيئڻ ڇڏي ڏنائون صبر ڪري بيهي رهيو ٻڪرار عرب صاحب تعجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين هي ڪهڙي ڳالهہ آهي تہ ٻڪريون سجدا ۽ سلام ٿيون ڪن پوءِ سمجهيائين تہ هي آخر الزمان جو برحق نبي الله ۽ محبوب رب العالمين جو آهي مسجد قبلتين ۽ ٻيون 4 مسجدون آهن شهر مدينه اطهر کان ٻاهر ٻڪري مسجد غمام کان نزديڪ 1 اول مسجد علي المرتضيٰ رضي الله عنہ جن جي ايندي 4 پوءِ مسجد ابا بڪر صديق رضي الله عنہ جن جي ايندي پوءِ مسجد 3 حضرت اميرالمئومنين عمر ابن الخطاب رضي الله عنہ جن جي ايندي پوءِ مسجد 4 حضرت امير الئومنين عثمان ابن عفان مظلوم شهيد رضي الله عنہ پوءِ مسجد 5 حضرت سلمان فارس جي آهي جنهن جو نالو مسجد فتح آهي خندق واري لڙائي فتح ٿي پوءِ پاڻ رسول ڪريم صلعم جن مسجد شريف تيارڪراياڻون جنهن جو نالو پاڻ فتح رکيائون جو جنگ خندق واري فتح ٿي انهيءَ وقت سورت انافتحنا لک فتحا مبينانازل ٿي قرآن پاڪ سيپاري 26 ۾ آهي مسجد قبلتين 1 ميل پنڌ جي مفاصلي تي آهي 2 محراب اٿس ۽ هوس نماز ظهر يعني ٻيپهريءَ جو فرض شروع ڪيائون پاڻ رسول خدا صلعم جن اتي نماز پڙهائي امام الانبياء والمرسلين بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز ۾ مشغول هو ايتري ۾ حضرت جبرائيل نازل ٿيو نماز پڙهندي حڪم ٿيو تہ مڪه معظمہ خانہ ڪعبه رب البيت ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهو پوءِ رب العالمين جي حڪم موجب رب البيت مسجد الحرام ڏانهن منهن ڪري نماز پوري ڪيائون نماز پڙهندي خانہ ڪعبہ ڏانهن منهن ڪري نماز پوري ڪيائون بہ محراب آهن ۽ هئا هڪ بيت المقدس ڏانهن ۽ ٻيو رب البيت ڏانهن هاڻي اهو محراب بيت المقدس وارو حڪومت ڊهرائي ڇڏيو آهي فقط هڪ ئي محراب محمود آهي فقط نماز پڙهندي 12 اصحاب سڳورا سرڪار مديني سائين جن جي ڪيڏلڳي منهن ڦيرائي نماز پڙهيائون جيڪي اصحاب سڳورا ڪيڊ لڳي نماز پڙهيائون اهو حڪم ربي ۽ ورسولي مڃيائون انهن لاءِ واطيعوالله واطيعو الرسول بشارت آيل آهي تہ ايهي 12 اصحاب بهشتي آهن قيامت تائين قائم رهندا ۽ حيات قبرن ۾ هوندا انهن کي ڪابہ شيءِ يا ڪيڙو ڪوبہ نقصان ڪونہ پهچائيندو انهن لاءِ بشارت آهي تہ خاص عشرالمبشر ڏهن صحاب جنهنکي بشارت ٿي انهي وقت حضرت جبرئيل نازل ٿيو ۽ هي آيت نازل ٿي ۽ ڪيائين سورت البقر سيپاري 2 ۾ قولہ تعاليٰ في القرآن الڪريم قد نريٰ تقلب وجهک في السماء فلنو لينک قبلک ترضاها فول وجهک سطرالمسجد الحرام وحيث

ماكنتم فولووجوهكم سطره جن نماز پڙهندي ڪِڍ نہ لڳا ۽ انڪار ڪيائون انهن لاءِ جهنم ۾ حڪم ٿيو جو سرڪار مدني سائين محبوب رب العالمين جي اطاعت يعني فرمانبرداري نہ ڪيائون ۽ بي فرمان ٿيا ۽ اجان بہ سرڪار مدني سائين تي ٽوڪون ۽ چٽرون ٿي ڪيائون تہ رسول رب جو ٿو سڏائي نماز پڙهندي ڦري وڃين پاڻ فرمايائون تہ مون رب العالمين جي حڪم سان منهن موڙيو آهي ۽ جبرئيل عليہ سلام اچاتائين مسجد شريف ۾ موجود آهي ان سان سوال وجواب ڪيو مسجد قبلتين جي اتر پاسي ۾ هڪ دري يعني جاري آهي اتي بيهي دعا گهرجي هڪ ۽ جيڪا بہ دل جي مراد هوندي سا پوري ٿيندي ۽ دعا قبول پوندي بحڪم خدا ورسول اڪرم صلعم زيارت سيدنا حضرت عبدالله ابارسول الله صلعم باب جبرائيل کان نڪري بازار ۾ اچي اولهہ طرف هليو اتي هڪ ڪوٽ آهي ڪوٽ جي اندر مقبره سيدنا حضرت عبدالله سائين جو آهي انجو دروازو بند آهي دروازي تي بيهي دعا گهربي دعا قبول پوندي آهي سرڪار تا جدار مدني سائين جن جو والد صاحب نور عليٰ نور آهي حڪومت نجدي روضو قبو مبارڪ شهيد ڪرائي هموار ڪري ڇڏيو آهي .حضرت بي بي سائڻ خاتون جنت بي بي فاطمته الزهراء رضي الله تعاليٰ عنها جن جي مسجد شريف آهي ان ۾ هڪ عاليشان ٻير جو وڻ آهي انجا ٻير کائڻ يا پن کائڻ افضل ثواب آهي .

مسجدن جون زيارتون وغيره

هر هڪ مسجدم نماز فرض پڙهڻ يا نفل يا سنت پڙهڻ افضل ثواب آهي 1 مسجد بني فريضه 2 مسجد ابراهيم ابن رسول الله صلي الله عليہ وسلم 3 مسجد بني ظفر يا مسجد البغله مقام جنتہ البقيع کان اوپر طرف آهي 4 مسجد منارتين 5 سفرت النبي اتي هڪ پٿر رکيل آهي مسجد جي اول ۾ ان تي خچر جا پير اجان تائين ظاهر بينا آهن گوياڪ اج سفر تي پاڻ حضرت ڪريم سائين جن چڙهيا آهن.6 مسجد الاجابته جنت البقيع کان اتر طرف آهي. 7 مسجد طريق الرافله 8 مسجد ابوذر ابي ذر بہ چوندا آهن 9 مسجد سقيا 10 مسجد الرايه 11 مسجد الفسح 12 مسجد ابي ابن ڪعب 13 مسجد فاطمته الزهراء بي بي سائڻ خاتون جنته جي انڪي بيت الاحزاب بہ چوندا آهن هميشه حضرت بي بي سائڻ خاتون جنته پنهنجي حضرت سيد المرسلين والد صاحب سائين لاءِ روئندي هئي ۽ دائما غم والم ۾ رهندي هئي 14 مسجد بني خزام 15 مسجد عينين يعني پنهنجي عصالت مبارڪ هيون ياڪوڙيون تہ ٻہ اڪيون بجلي وانگر روشن ٿي ٻرڻ لڳيون تنهنڪري مسجد عينين نالو رکيائون 16 مسجد وادي عليہ السلام 17 مسجد عيدين 18 مسجد ثنايا 19 مسجد الخطاب حضرت امير المئومنين عمر ابن الخطاب رضي الله عنہ پنهنجي والد صاحب جي نالي تي ٺهرائي تيار ڪرايو اٿس 20 مسجد حج العمره پاڻ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اتي ڪعبته الله رب البيت مڪه معظمه ڏانهن هلندا هئا اتاهون احرام ٻڌي پوءِ حج تي هلندا هئا سنت مئوڪد آهي اسان امتن ڪي اتا هون احرام ٻڌڻ واجب ۽ سنت آهي ۽ هئي ۽ رهندو.

مدينه پاڪ جي  کوهن جا نالا:

هنن کوهن جو پاڻي پيئڻ افضل ثواب آهي ۽ سنت آهي پاڻ حضرت رسول خدا صلعم جن انهن کوهن جو پاڻي گهرائي پيئندا هئا ۽ نماز جو وضو بہ ڪندا هئا . جڏهن پاڻ حيات النبي برقئو روشن ڪيائون تہ سيني کوهن جو پاڻي گهرائي انهن سان غسل ڏنائون مگر ڪن وائين ۾ظاهر آهي مدينه اطهر جي کوهن جو پاڻي هيو .1کوه بئر ادريس مسجد قباوث آهي حضرت ادريس عليہ السلام کوتايو هو جنهنکي اول مدينه ۾ يثرب ڪري سڏيو ويندو آهي پاڻ حضرت رسول خدا صلعم جن پنهنجي وات مبارڪ مان لعاب وڌو هئائون تڏهن انهيءَ کوه ادريسي جو پاڻي منوءِ ٿڌو ٿيو ۽سفيد رنگ جو ٿيو 2 بئرغلس مسجد قباجي اتر ۽ ڏکڻ ۾ آهي 3 ميل جي مفاصلي تي آهي. وادي شفا۾ آهي انکي پاڻ حضرت نبي الله صلعم جن بهشتي کوه سڏيندا هئا ان۾ بہ پنهنجو لعاب مبارڪ وڌو هئائون جو انجو پاڻي ماکي جهڙو منو ۽ گهاٽو ۽ ڳاڙهائي روء تي آهي ذائقو بہ ماکي جهڙو اٿس پئڻ ۾. 4 بئر بضاعه شامين انهي ۾ ايتري قدر برڪت ۽ شفا آهي جو ڪنهن بہ بيمار کي 3 ڏينهن علي التواتر لڳو لڳ تڙ ڪبو يا ڪرائبو بہ انهيء کوھ جي پاڻي جي برڪت سان شفاياب ٿي ويندو ۽ جيڪا بہ بيماري هوندي سا ڇڏي ويندي بحڪم الله تعاليٰ 5 بئريصه 6 بئر روحاني مسجد نبوي جي سامهون آهي باب مجيد کان نڪري اترطرف تي آهي ابو طلحه جي باغ ۾ آهي اتي پاڻ حضرت رسول خدا صلعم جن وٽن جي ڇانو ۾ ويهندا هئا . ۽ آرام بہ ڪندا هئا پاڻ فرمائيندا هئا تہ هت تمام ٿڌي هوا ۽ ڇانو آهي ۽ رهندي 7 بئر عهن مسجد شمس جي اڳيان آهي مسجد قبا جي اوڀرندي طرف آهي باغ۾ آهي انجو پاڻي تمام لطيف ۽ منو آهي  پاڻ حضرت نبي صلعم وضو ڪري نماز عصر جي پڑهي اٿئون ۽ اتي ڪارڪون بہ ڪجھ قدر واپرايون اٿن اصحابن ۽جماعت سميت 8 بئررو مه مدينه کان 3 ميل اڀرندي طرف آهي واديء عقيقم ۽ مسجد قبلتين جي نزديڪ آهي انهي کوه جومالڪ يهودي هيو انجوپاڻي مالڪ کوھ جو وڪرو ڪندو هيو. مدينه پاڪ جي شهر ۾يا رستي جي قافلن کي يا پيادن کي ۽ حاجن صاحبن کي پوءِ سرڪار سيدالثقلين مدني سائين جن حضرت امير المومنين عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ کي حڪم ڪيو. الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت الاحزاب سيپاري 21 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن العظيم النبي اولاب المئومنين من انفسهم وازواجه امهاتهم اي نبي صلعم توهان جون عورتون (زالون ) توهان جي امت جون مائرون آهن. اسان جون مائرون آهن ۽ اسان جي مائرن جاوالدين يعني والد اسان جا نانا آهن پوءِ اسان پنهنجي نانن جي گلا ياشڪايت ۽ گهٽ وڌ ڪيئن ڳالهايون اها شڪايت انهن دشمنن جي منهن تي پوي ايها شڪايت روضي اطهر ۾ ڪيئن ويندي نعوذبالله من شرذالک . الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي سورت  واليل سيپارو 30 ۾ حصرت امير المئومنين وامام المتقين ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ جي شان ۾ آيت شريف نازل آهي في القرآن الحڪيم ولسوف يرضيٰ

مون راضي آهيان ابابڪر صديق ڪان ۽ راضي ٿيندس. حضرت اميرالمئومنين عمر ابن الخطاب رضي الله عنہ جي شان ۾ قرآن پاڪ شاهد آهي سورت التحريم سيپاري 28 ۾قوله تعاليٰ في القرآن الڪريم وصالح المئومنين صالح ۽ ايمان وارو بندو ۽ حضرت امير المومنين مظلوم شهيد عثمان ابن عفان رضي الله جي باري ۾ بشارت آيل آهي قرآن پاڪ ۾ باربار آمنو وعملو الصلحات - ايمان وارو ۽ نيڪ عمل صالحن مان الله تبارڪ وتعاليٰ جي ايتري قربن مان ثابت آهي تہ دشمن اجان ايمان نٿا آڻن اڪين ڪان انڌا ۽ ٿيٽ ٿيا وينا آهن ۽ رهن ٿا . سلام حضرت ابابڪر صديق سائين رضي الله تعاليٰ عنہ

السلام عليڪ يا سيد نا ابابڪر ان الصديق رضي الله عنہ السلام عليڪ يا اول خليفته رسول الله صلعم علي التحقيق السلام عليڪ ياصاحب رسولاالله صلعم ثاني اثنين اذهما في الغار رضي الله تعاليٰ عنڪ وارضاتڪ

سلام حضرت امير المئومنين عمر ابن الخطاب رضي الله عنہ

السلام عليڪ يا عمر ابن الخطاب . السلام عليڪ بان ناطقاً بالعدل والصواب .السلام عليڪ ياحنفي المحراب السلام عليڪ يامظهر دين الاسلام السلام عليڪ يا عذاالاحسان وقاتل الڪفار رضي الله تعاليٰ عنڪ واحسن الرضا.

سلام حضرت امير عثمان رضي الله عنہ

السلام عليڪ ياثالث خلفته رسول الله صلعم السلام عليڪ مظلوم شهيد عثمان ابن عفان رضي الله تعاليٰ عنہ

سلام سيد تنا فاطمته الزهراء رضي الله تعاليٰ عنها

السلام عليڪ ياسيد تنافاطمته الزهراء يا بنت رسول الله يابنت نبي الله يابنت حبيب الله يابنت المصطفيٰ وياخامسته اهل الڪساع ويازوجه علي المرتضيٰ ويا سيدت النساء العالمين في الجنته ويا اُمهماالحسن والحسين الشهيدين ويياابي محمدن الحسن وابي عبدالله الحسين رضي الله تعاليٰ عنهما .

زيارت حضور حضرت انورسائين صلي الله عليہ وسلم جن جي سامهون هي دعائون پڙهجن قوله تعاليٰ سورت التوبه سيپارو 11 ۾ ارشاد آهي ۽ نازل آهي في القرآن الڪريم

لقد جاءڪم رسول من انفسڪم عزيز عليہ ماعنتم حريص علينڪم باالمئومنين رعوف رحيم فان تولو فقل حسبي الله لا اله الاهو عليہ توڪلت وهورب العرش العظيم ان الله وملاڪته يصلون علي النبي ياايهاالذين ا منو صلو عليه وسلمواتسليما اللهم صل وسلم وبارڪ وسلم اللهم اني اساءلڪ بحرمت هذالنبي الڪريم وعلي الاڪريم العظيم ه

الصوات والسلام عليڪ يا صاحب البشر والنور الله الصوات والسلام عليڪ يا حبيب الله والصلوات والسلام عليڪ يانبي الله والسلام عليڪ يارسول الله صلعم الصلوات والسلام عليڪ يا محمدرسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وعليٰ آلِہ وازواجه والمرسلين وصحابه وبارڪ

وسلم اجمعين تسليماً كثرَ اكثيرَا

زبيده نهر

حضرت هارون رشيد عباسي خليفي جي فياض زال بي بي سانئڻ زبيده خاتون رحمت الله عليها پنهنجي مڙس هارون رشيد جي وفات کان بعد حرم الشريفين يعني حج تي آئي ۽ عرفات ۽ مزدلفه ۽ منيٰ مڪه معظمه رب البيت ۾ پاڻي جي تمام سخت قلت ڏٺائين ۽ محسوس ڪيائين تڏهن مبارڪ ڪم ۾ ڪوشش ڪيائين تجربي ڪار ماڻهو گهرائي ۽ انجنيئر هوشيار ماڻهو ڪوٺائي غور ڪيائين تہ نهر جاري ٿي ۽ عام ماڻهن شهرن جو ۽ حاجن صاحبن جو ۽ جانورن پکين جو سک ٿي ۽ پاڻي پي آرام ڪن ۽ سک سانت سان سفر مبارڪ پورو ڪري پنهنجي وطن واپس وڃن بي بي سانئڻ کي بادشاهي خزانو هيو پئسي جي بي پرواهي هئي جوخير قيامت تائين هلندو ۽ رهندو ۽ آهي هن نهر زبيده جو تفصيل خرچ جو مٿي لکي آيا آهيون جنهن مان حقيقت روشن ٿيندي ۽ طائف پهاڙ جي نزديڪ جبل حنين آهي ان جبل مان نديون نهريون ۽ نيون نڪري مصر جي ملڪ ڏانهن وينديون هيون جو چشمان گڏ ٿي پوءِ گهڻي جوش سان وهندا هئا جو اهو جبل حنين جو پاڻي بند ڪرائي سڌي نهر کوٽايائون ۽ هنن چشمن جو پاڻي بہ گڏ ڪرائي ۽ حنين چشمن ۾ وڌائون چشمن جا نالا وغيره 1 چشمون جبل مقامن 2 ميمون 3 زغفران 4 ديرود 5طارقي6نقيه وغيره آهن جو وڏي مشقت سان تڪليف سان جبلن مان اچي سيني شهرن کي پاڻي ڏئي ٿي. حنين جي باري ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي سورت التوبه سيپاري 10 ۾ قوله تعاليٰ في القرآن الحڪيم _ يوم حنين اذ اعجبتڪم حنين مان عجب ونو ۽ ڏسو تہ ڪيتري بر ڪت وارو پاڻي آهي ۽ شان وارو ۽ عزت جو آهي ان مان سيڪو صاحب غور ۽ تعجب وٺي ۽ هن کان اڳ مٿي تفصيل خرچ لکي آيا آهيون وري دوباره بہ انگ خرچ جو ڏجي ٿو اندازهي آهي هڪ ڪروڙ ۽ ست لک دينار سون خرچ ٿيل آهي. ۽ نهر مٿان پڪي پٿرن سان بند ٿيل آهي مگر جن جائن تي پاڻي جي ضرورت آهي انهن جائن تي منهن کليل آهن ۽ انهن جائن تي پڪا حوض ٻڌل آهن سيمينٽ سان ۽ سنگ مرمر جي پٿرن سان نهر تمام گهڻي تيزي سان هلي ٿي ۽ وهي ٿي حنين جو جبل ۽ تلاءَ چشمان مٿانهي تي آهن جو هيڏي پاڻي لا نوارو آهي هيٺاهين تي. مگر وادي نهر زبيده خاتون جي پنڌ جو پوري طرح مفاصلہ جو اندازو محقق نہ مليو آهي رڪارڊ موجب باقي زباني حيقيقت ملي ٿي اها بہ اعتراض جوڳي آهي جو امير قابلن ماڻهن يا حاجن صاحبن مان ملي ٿو انداز پنڌ جو مفاصلہ 850 ساڍا اٺ سئو ميل آهي ۽ ملي ٿو تمام گهڻي دوري پنڌ تي آهي جبل حنين ۽ ان جي نهر وادي ۽ نديون ڪسيون جبل حنين ۽ آبي پهاڙ جبل آهي جو روز وشب ان مان پاڻي ملي ٿو ۽ نڪري ٿو ۽ وهي ٿو ۽ اچي ٿو جو هنن پاڪن ملڪن ۽ شهرن کي پاڻي ملي ٿو ۽ ڏئي ٿي _ مڪه معظمه رب البيت خانہ ڪعبہ مسجد الحرام ۽ منيٰ ۽ عرفات جبل رحمت يا المزدلفه تائين ۽ ٻين شهرن کي بہ پاڻي

ملي ٿو جيڪي سندس ڪپ ۾ پرتي آهن جنڪي ضرورت آهي الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙن صالحن ۽ بانهن ۽ بزرگن کي ۽ برگزيدن نيڪ عملن وارن کي جنته الفردوس عطافرمائي آمين _ بي بي سائڻ حضرت زبيده خاتون رحمت الله عليها ۽ سندس خاوند مڙس حضرت هارون رشيد رحمت الله عليها جو خير ثواب ڪم جاري ڪري مخلوق کي نفعو پهچايو آهي آمين ثم آمين يارب العالمين . حضور حضرت انور سائين محبوب رب العالمين و رحمته العالمين شافع يوم الحشر سرڪار مدني سائين جن جي مسجد نبوي ۽ حرم پاڪ جا ٿنب 282 ۽مسجد نبوي سائين جن جا ٿنب 21 جن کي چار فٽ سون جو پٽ چڙهيل آهي انور سائين جن جي روضي اطهر جن جا ٿنب 8 سڀ سنگ مرمر ڳاڙهي جا تيار ٿيل آهن باقي گلن تي ٿنب 19 هٿ جو ڪم اُڪر جو تمام عاليشان نمونو ٿيل آهي 96 باقي لسا تيا گلن تي سنگ مرمر سفيد ۽ سائي ۽ ڳاڙهي ۽ ڪاري ۽ پيلي جا تيار آهن جملہ ڪل ٿنب حرم اقدس پاڪ جا 426 آهن والله اعلم بالصواب انما الفيبدعندالله نئون حرم پاڪ شهنشاه سعودي صاحب جن تيار ڪرايو آهي شهر جون جايون خريد ڪري نئين حرم پاڪ جا ٿنب جملہ 210 آهن اولهہ طرف 20 ۽ اوپر طرف 8 ۽ اتر طرف 36 ۽ ڏکڻ طرف 30 ۽ ببابہ الهندي طرف 21 ۽ اتر طرف 66 ۽ ڏکڻ طرف 2 ۽ اوپر طرف 67 جملہ ڪل ٿنب 210 بہ سئو ڏهہ آهن مٿان ٿنب 426 _ 210_ ڪل اندازو ٽوٽل جملہ 636آهن باب مالڪ الحق المبين وٽ کجورهئي جو سرڪار ڪائنات محبوب مدني سائين جن ان کجي کي ٽيڪ ڏئي ويهندا هئا دائما قائما جڏهن جو حضور حضرت دوجهان سائين جن روضي اطهر پاڪ ۾ آرام ڪيو ۽ قدم مبارڪ رکيائون تہ ايها کجور ايتري قدر رني ۽ گريو ڪيائين جو ان پاڻي سيلابي مان تلاء پاڻي جا پرجي پاهر ڪسي وانگر وهڻ ٿيا واتر ڪورسن وانگر جو شهر جي ماڻهن انهي کجي جو پاڻي پيتو هئائون بلڪل منو ۽ لذيذ حضور حضرات اصحابن سڳورن سائين اچي پاڪر پائي پرچايو ۽ سرڪار مدني سائين حيات النبي لاءِ چيائون حيات آهن ۽ پوءِ ڪيس عذرخواهي ڏنائونس پوءِ رفتہ رفتہ غم ۾ سڪي پري وئي جو ان اجان تائين انهي کجي جو نشان قائم هيو مگر شهنشاه حڪومت نجدي شهيد ڪرائي ڇڏي آهي مگر ڪوشش سان اجان نشان ملي ٿو اتي نفل پڙهڻ وڏو ثواب ۽ سنت آهي ۽ اڪبر الا عليٰ درجو آهي جنته المعليٰ مڪه معظمه خانہ ڪعبہ ۾ زيارت حضرت بي بي سائڻ عائشته العليٰ رضي الله تعاليٰ عنها جن جي مقبره مزار اقدس جي آهي ايها زيارت ڪرڻ واجب ۽ سنت آهي ڇو جو حضور سرڪار مدني سائين جن جي اهليہ زوجه پاڪ آهي ۽ ٻيا پيغمبر ۽ رسول ۽ قطب غوث وانبياء جنت المعليٰ ۾ دفن ٿيل آهن جملہ 355 جو قيامت جي ڏينهن هرهڪ مٿيان انبياء وغيره 72 ماڻهن کي شفاعت ڪندا بحڪم الله تعاليٰ. پاڻ محبوب خدا ورسول الله صلعم جن غار حرا کان واپس ٿي آيا نماز عصر جو وقت ٿيو حضرات اصحابن ۽ جماعت عرض ڪيو تہ يانبي الله صلعم پاڻي کپي ويو آهي نماز قضا ٿي ٿئي پاڻ حضو ر انور سائين

www.ripri.pk

جن فرمايو تہ ڪا ڪلي يامشڪ پاڻي جي ڪٿان ملي تہ خريد ڪري اچوءِ انهيءَ وقت پاڻي جي تلاش ۾ هئا ۽ ڪيائون تہ هڪڙي مائي عربياڻي پاڻي جي مشڪ کنيون ٿي آئي حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنہ پاڻي جي ڪلي پئسن سان مائي کان وٺي آيا مگر مائي رقم نہ ورتي چيائين تہ هي پاڻي جي ڪلي آهي مگر منهنجو سر و جان ومال حضرت نبي الله صلعم تان قربان آهي هي پاڻي کڻي وڃي نماز پڑهو ۽ پاڻ سرڪارمدني سائين انهيء پاڻي جي مشڪ کي هٿ گهمايو ۽ حڪم ڏنائون پاڻي کڻو ۽ ڪپايو وغيره ۽ نماز پڑهيائون ۽ پاڻي پيتائون ۽ ڪليون پري ۽ پاڻي پاڻ سان ساڻ کنيائون ڪلي پاڻي جي واپس مائي کي ڏنائون تہ بہ پاڻي اوترو جو اوترو ۽ ان ۾ ڪل اصحابن ۽ جماعت 52 هيا هي قرب ۽ برڪت حضور انور سائين جن جي هٿ مبارڪ جو سبحان الله وبحمده والشڪرالله. هڪ ڏينهن محبوب رب العالمين نبي الله صلعم جن غار ثور جبل نور کان واپس ٿي آيا مدينه پاڪ ڏانهن واٽ رستي تي هڪ ٻڪرار عرب ٻڪريون رستي تي چاري رهيو هو پاڻ رسول ڪريم صلعم جن فرمايو تہ هڪڙي ٻڪري جو کير پئسن سان خريد ڪري اچو ٻڪرار چيو تہ کير جا پئسا ڪونہ وٺندس ٻڪري جو کير پئي ٻڪري واپس ڪندا ٻڪريء کي پاڻ محبوب رب العالمين صلعم جن هٿ مبارڪ گهمايو ٻڪري کان کير ورتائون ۽ ڏڏائون ۽ ان ۾ ڪل جماعتي اصحابي 38 موجود هئا انهن کير پئي قوت ڪيائون ۽ کير جا ٿانو بہ پريائون تہ بہ کير ٻڪري کي اوترو هيو گهٽ نہ ٿيو ٻڪري مالڪ کي واپس ڏنائون ۽ ٻڪري جي مالڪ چيو تہ توهان کير ٻڪريء جو ڪون پيتو آهي نہ ورتو آهي اصحابن فرمايو يااخي هن ٻڪريء کي هٿ مبارڪ سرڪار تاجدار دوجهان مدنيء سائين گهمايو آهي کير هن مان ڪڏهن بہ ڪونہ کپندو ۽ کٽندو ٻڪرار ٻڪري شام جوگهر وڃي ڏڌي تہ بہ کير ڪونہ کٽو ٿانو مٽ ديا بہ پريائون اهڙيون ڪروڙين ڪرامتون ۽ ڳالهيون ۽ قرب رب العالمين جا سرڪار تاجدار حضور انور مدني سائين سان آهن. الله تبارڪ حضرات نبين ۽ رسولن ۽ پيغمبرن ۽ سيني کي نالو وٺي سڏيو آهي . اي فلاڻہ فلاڻہ يامريم يااخت هارون جيئين تہ حضرت آدم صفي الله ياموسيٰ ياعيسيٰ ياهارون ياابراهيم يازڪريا يايحيٰ وغيره وغيره . اهڙي طرح ٻيا بہ گهڻا مثال آهن ۽ ملندا . ۽ انسان جي سردار رسولن جي کي ڪڏهن نالو وٺي ڪونہ سڏيو اٿون الله تبارڪ وتعاليٰ جو پيار ۽ قرب ۽ محبت محبوب رب العالمين سرڪار مدني سائين کي الله تبارڪ وتعاليٰ ڪهڙي طرح سڏيو آهي پيارمان ۽ عزت سان ياايهاالنبي . ياايها لرسل . ڪڏهن بہ اسم مبارڪ وٺي ڪونہ سڏيو آهي مگر ادب سان ۽ عزت سان ڏڪيل اسم پاڪ ورتوويو آهي . جيئن تہ قرآن شاهد آهي رسول امين ۽ رسول مبين . رسول ڪريم . محمد رسول الله . ولاکن رسول الله وخاتم النبيين وما محمد الارسول وما ارسلناک الارحمت اللعالمين قدجاء ڪم من الله نور نور عليٰ نور اهڙيون ثابتيون قرآن پاڪ مان ملن ٿيون .

مسجد الحرام رب البيت ۾،

www.ripri.pk

داخل ٿيڻ وقت
هي دعا پڙهڻ گهرجي .
**اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يرجع السلام فحينا ربنا بالسلام وادخلنا الجنته دارک دار السلام تبارکت وتعاليت ياذالجلال والاکرام اللهم افتح لي ابواب رحمتک ومغفرتک وادخلني فيها بسم الله پالحم لله والصلواة وَالسلام عَليٰ رسول الله صلي الله عليہ وسلم .**

پاڻي زم زم جو پيئي هي دعا گهرجي
**اللهم اني اسئلک علماً نافعا ورزقاً واسعاوشفاء من کل داءٍ وسقيم برحمتک ياارحم الراحمين وسقاهم ربهم شراباً طهورا**
**آب زم زم جي پاڻي سان غسل ڪرڻ يانماز جووضوڪرڻ ياڪپڙا ڌوئڻ يا جنب جوغسل ڪرڻ پليتي وارو، ايهي سڀ ناجائز آهن**

نيت سعيٰ جي
يعني صفاۓمروه جي دعا:
**اللهم اني اريد اسعيٰ مابين الصفا والمروته سبعته اشواط سعيٰ الحج لله عزوجل يارب العالمين. صفاجي لهندي ۾ هي دعا اللهم استعملني بسنتک نَبيئک صلي الله عليہ وسلم توفني عليٰ ملته واعذني من تضلات الفتن برحمتک ياارحم الراحمين**

دعا عرفات کان
نکرڻ ۽ مزدلفه ڏانهن هلڻ ۽ پڙهڻ:
**الله اکبر الله اکبر لااله الاالله ۽ الحمد لله رب العالمين ، اللهم لا تقتلنا بغضبک ولا تهلنا بعذابک وعا فنا من قبل ذالک.**

مزدلفه ۾ هي دعا پڙهڻ گهرجي:
**اللهم بحق المشعر الحرام وَالبيت الحراموالشهرالحرام والرکن والمقام وبلغ روح محمد ان المصطفيٰ منا الجنت والسلام وادخلنا دارالسلام ياذالجلال والکرام**

دعا عرفات ۾ گهرجي:
**ربنا آتنا في الدنيا حسنته وفي الاخرت حسنته وقنا عذاب النار وَاغفرلنا ولوالدنا وذرياتنا واخواتنا واهلينا واخواتنا وانباء نا والحاضرين والغائبين من المسلمين اجمعين برحمتک يا ارحم الراحمين اللهم انا نعوذبک من الفقر الا اليک من الزل واعوذبک ان اقول لک واد خلنا بفضلک الجنته دار القرار وحبلنا مع الذين النعمت عليهم**
**عن احاديث قال رسول الله صلي الله عليہ وسلم**
**لايد خل الجنت قتات (بخاري مسلم)**

ترجمہ: چغلي ڪندڙ چغل خور جنت ۾ هرگز نہ ويندو

لاتد خل الملائڪته بيتآ فيه ڪلب اوتصاوير

ترجمہ: ان گهر ۾ رحمت جا ملائڪ (فرشتا ) هر گز نہ ايندا جنهن ۾ ڪتا ۽ تصويرون هونديون

الدنيا سجن المئومن وجنتہ الڪافر

دنيا مومنن لاءِ جيل آهي ۽ ڪافرن لاءِ جنت آهي

انا خاتم النبين لانبي بعدي

ترجمہ مون آخرين نبي رسول پيغمبر آهيان مون کان بعد ڪوبہ نبي يارسول ياپيغمبر نہ ايندو نہ ٿيندو (بخاري, مسلم)

ان الحج يهدم ماڪان قبله مسلم مشكوات

ترجمہ بيشڪ حج اڳين ڏوهن ۽ پاپن کي ڍاهي ٿو مٽي ٿو

عن احاديث قال رسول الله صلي الله عليہ وآلِہ وسلم لولاڪ لما خلقت الا فلاڪ

هن حديث قدسي مان صاف صاف ثابت آهي تہ جيڪڏهن الله تبارڪ وتعالي پنهنجي محبوب رب العالمين سرڪار تاجدار سرڪار مدني سائين احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عيلہ وسلم جن کي پيدا نہ ڪري ها تہ ساري دنيا هي جهان زمين ۽ آسمان بهشت ۽ دوزخ ساري مخلوقات پيدا نہ ڪري ها فقط اسان عاصي عاجزن گنهگارن لاءِ سرڪار مدني سائين شافع رحمته العالمين ڪري موڪليائين .

سفر باظفر خير وبرڪت سان پورو ٿيو:

الحمد لله رب العالمين ۽ سرڪار مدني سائين محبوب رب العالمين احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ واله وبارڪ وسلم جا لک شڪرانہ ۽ لک احسان حاڪم جا ۽ لکين قرب قادر جا هزارين حمد هادي جا جو مون مسڪين بد ڪار عاجز عاصي گنهگار کي نوازي هنن پاڪ جائن تي پهچايو ۽ زيارتون نصيب ٿيون . الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي پاڪ گهر رب البيت جي صدقي ۽ پنهنجي محبوب سرڪار مدني مني سائين جي وري بہ هڪ دفعہ حج ۽ زيارتون نصيب ٿين آمين ثم آمين يارب العالمين. پوءِ سرڪار معرفت معلمن اعلان ڪيو تہ جهاز 1 ۽ جهاز 2 وارا ۽ جهاز3 وارا حاجي بستراگول ڪن 16 ذوالحج جي حاجن صاحبن ٽپڙ گول ڪيا پوءِ لاري مڪه معظمه مان سرڪاري ملندي جو اڳ ڪرايو ڏنل هيو هر هڪ حاجي لاءِ 11 ريال شام نماز مغرب جي پڙهي ۽ مڪه معظه مان رواني ٿي جدي شريف تائين جتي حضرت ام المئومنين ڏاڏي سانئڻ بي بي حوا جن آرام ڪري رهيا آهن جدو مشهور ومعروف آهي جو جدت جي معنيٰ آهي ڏاڏي بي بي سانئڻ جي نالي کان مشهور آهي پوءِ جدي ۾ 3 ڏينهن رهڻ ٿيو جو اتي پاس پورٽ ٺهرائڻي پوندي آهي ۽ پئسن جي مٽا سٽا وغيره آخري سودو وٺي ۽ پوءِ پنهنجي وطن تي واپس موٽڻو ۽ اچڻو ٿو پوي پوءِ معلمن جي

معرفت پاس پورٽون نهي مليون انهي وقت 30 ريال ڏنا ويا حاجي ڪئمپ مان سمنڊ ۾ جهاز جي بندرن تي وڃي خير وبرڪت سان جهاز ۾ سوار ٿي شڪرانہ جا نفل پڙهي حمد وثنا ۾ استغفار پڙهندو رهجي . اسانکي پهرين جهاز ڪراچي  کان مليل هيو جنهنجو نالو محمدي هيو ڪٽي وڃي جدي 7ڏينهن ۾ بندر ڪيائين ۾ چڙهيائين وري واپس جهازمليو جنهنجو نالو رضواني هيو جده کان ڪراچي تائين 11 ڏينهن۾ پهتو۽ بندر ڪيائين رستي مشين ڪجهہ خراب ٿي هوس جو ليٽ سان ڪراچي پهتو۽ بندر ڪيائين رضواني جهاز واپس وادي بندر عدن ۾ ڪيائين 12 ڪلاڪ اتي رهيو اتي بيهي رهيو . اتان عدن مان حاجن صاحبن لاءِ سامان ورتائين ۽ ڪنيائين 1 پاٽي منو ڪيائين ۽تيل پيٽرول ۽ اتي جي ٿي سئو ڳوڻ  ڪنڊ جون چار ڳوٽيون ۽ سايون پاڄيون ۽ 200 رڍ حاجن جي کاڌي لاءِ ۾ مڇي وتائون پوءِ عدن جو بندر ڇڏي ڪراچي روانو ٿيو الله تبارڪ وتعالیٰ جي برڪت ۽ فضل ۽ لطف سان اچي ڪراچي پهتاسين 12 بجہ صبح ڪسٽم ۾ داخل ٿياسين جو 5 بجہ تائين ڪسٽم ٿيو پوءِ اجازت ملي گويا ڪ جهڙي طرح ميان صاحب لونگ فقير مهيسر رحمتہ الله عليہ جي لوڙهي ويهي رهياسي ۽پهتا سي ۽ رهٽو پيو پوءِ سموري سامان جي تلاشي ورتائون هر هڪ ٽپڙ سميت وغيره . جو 5 بجہ شام جو اجازت ڏنائون ٽڪن ۽ فوٽن ڏيڻ ونڻ سان نہ تہ سدائين خير صبح تائين ويٺا رهون ها پوءِ  اتاهون ڪراچي جي اسٽيشن تي پهتاسين اتي ماني کاڌي جووري گاڏي مڪس جي ٽڪيٽ ورتي وئي جو 10 بجہ پليٽ فارم تي پهتي وري پليٽ فارم تان 11 تائين رواني ٿي اسان انٽر ڪلاس جون ٽڪيٽو ن ورتيون في حاجي لاءِ ڪرايو ڪراچي کان گمبٽ تائين 11.4يارهن رپيہ چار پيسہ ڏنو ويو جو انٽر ۾ ايتري رش ڪانہ هئي پوءِ اچي خير وبرڪت سان گمبٽ جي اسٽيشن تي پهتاسين 12 بجہ جو گاڏي کي ليٽ هئي برسات جي ڪري اسٽيشن تي جناب حضرات استاد صاحبان ۽ جناب پرنسپال مسٽر اشفاق حسين صاحب وغيره . ۽ جميع استاد صاحبان مهرباني ڪري اڳ تي  استقبال لاءِ قرب جا قدم ڪٽي آيا ۽ برادرم صاحبان شاگردان مراد هاءِ اسڪول جا ۽ بورڊنگ جا شاگرد ان جو اسٽيشن تي سڀ موجود هئا جو سڀني صاحبان سان ملي خوش ٿيا سين اڪن عيدون ڪيون الله تبارڪ وتعالیٰ لک شڪرانہ بجا آندا ويا اتي اسان جي لاءِ بلڪل بندوبست گهڻي ٿيل هئي اسٽيشن تي شربت پاٽي ۽ هار سواري لاءِ جيپ بہ موجود هئي اٽڪل ڪل ياءُ جميع 200 بہ سئو هئا اتي بروقت اسٽيشن تي نور چشم حافظ غلام حيدر طول عمره وذيد حياته مليو ۽ آيو. خادم حسين بہ شاگردن سان مليو ۽ موجود هيو جو رات خير جي گمبٽ شريف بور ڊنگ رهي پوءِ ڳوٺ کان بيل گاڏي آئي جو برادرم محمد ڪامل جن آندي صبح جو ان تي سوارٿي ڳوٺ ڏانهن روانگي ڪئي وئي جو ابل واهہ جي ڪپ تي شهر پڪي کوهي جي پل فال تي جناب حضرات برادرم صاحبان ۽ نورچشمين سميت وغيره وغيره  موجود هئا جوانهن سان ملي خوش ٿياسين برادرم صاحبان وحافظان  غلام الله ،محمداعظم ، حاجي عبدالڪريم ،

عبدالغفور ، ڪريم بخش ، گل حسن فقير ، آخوند محمد علي ، ۽ نور چشمين ماستر محمد صادق، حافظ ماستر محمود. حافظ غلام حيدر ۽ گهڻا دوست اتي موجود هئيا پوءِ اتاهون روانگي تي اجان بہ برادرم صاحبان گهڻا هئا جن جا نالا ياد نہ ٿا اچن سي درج نٿا ڪجن. اچڻ جي ڳوٺ بہ ماڻهون ملڻ لاءِ موجود هئا پوءِ پير رودل فقير رحمتہ الله عليہ جن جي خانقاه وٽ پياڳوٺ جا معزز ۽ برادرم صاحبان ۽ نورچشمين بہ موجود هئا حافظ محمد ابراهيم، ماستر خان محمد وفيض محر ماستر صاحبان غلام محمد، شاه محمد وغلام علي وعبدالخالق ڪلارڪ ماستر حبيب الله وغيره ۽ مولودي صاحب ان بہ ڳاڏين ۽ گهوڙن تي موجود هئا مولوي محمد صديق فقير ۽ مير محمد وغيره ۽ ڳوٺ ۽ تر جا معزز ميتلا فقير ۽ ڳوٺ جا عزيز اقرباسڀ صاحبان آيا هئا مهرباني قرب ڪري احسان ڪري پوءِ انهن سان ملي خوشي تي دعا خير جي گهري پوءِ اتان روانگي ڪئي سون ڳوٺ جي ٻاهران سڀ عزيز قريب معزز حافظان صاحبان وڏن مهيسرن جا قربدار قرب ڪري آيا ۽ تڪليف وٺي آيا حافظ وڏيري دوست محمد صاحب حاجي محمد ابراهيم صاحب حاجي محمد سليمان حافظ محمد موسيٰ حافظ محمداسلم ۽ بهادر ميتلو ۽ بهاول ميتلو پنهنجن ٻائرن سميت ۽ صيفل ڪنيڙو وغيره وغيره شهر ڪان ٻاهر آيا برادرم ولي محمد صاحب جي نمبر ۾ وڏير ه الهورايو ۽موليڏنو ۽ چنان فقير وغيره پوءِ اتاهون ڳوٺ پهتاسين پوءِاول پهريائين حضرت والده صاحبہ جي زيارت ڪري قدم مبارڪ چمي پوءِ حضرت اولياء الاصفيا فخر الحفاظ حضرت والد صاحب مرحوم مغفور جنت مڪان رحمته الله عليہ جن جي زيارت فيض بشارت حاصل ڪري شڪراني جا نفل پڙهي جو جمع جو ڏينهن هيو پوءِ جمع جي نماز جماعت پڙهي ساري جماعت کي ملي خوش ٿيا سين هن گنهگار تي الله تبارڪ وتعاليٰ لک احسان ۽ لک شڪرانہ شل بين سان الله سائين اهڙا قرب ڪري اهو ڏينهن مبارڪ جمعہ شريف جو هيو مورخہ 30 ذوالحج 1374 مطابق 19 ماه اگست 1955 پوءِ سيني دوستن ۽ احبابن ڪان شام جو موڪلائي پوءِ نفل پڙهي شڪرانہ دعائون گهريون ويون.

الحمد لله والعاقبته اللمتقين والصلوات والسلام عليٰ سيد نا وسيد المرسلين وخاتم النبين حبيبنا وشفيعنا وامام المتقين محمد رسول الله صلي الله عليہ تعاليٰ وعليٰ اااله واصحبه وبارڪ وسلم اجمعين برحمتڪ ياارحم الراحمين آمين ثم آمين تسليما ڪثيرا ڪثيراً.

حرمين الشريفين جي واپسي ڪان بعد ۾ انهيء ڏينهن نور چشم ماستر محمد صادق طولعمره جي شادي خاني آبادي هئي جو عزيزن سان مجلس ۾ شريڪ ٿي نور چشم کي شاديءَ جون لائون ڏنيون ويون. بعد نماز جمعہ مٿا ميل ڪئي وئي. مورخہ 30 ذوالحج 1374 مطابق 19 اگست 1955 جي الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات پاڪ جا لک ها شڪرانہ ڪيا ۽ الله سائين جي حبيب سرڪار مدني سائين رحمتہ العالمين دوجهان سرڪار تاجدار محبوب

رب العالمين حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جا پڙ ڪيا ويا الحمد الله رب العالمين والعاقبہ للتقين والعاقبہ بالخيروخاتم بالخير آمين ثم آمين.

نور چشم جي شادي خاني آبادي جاتڪا ۾ لونگي 1500 روپيہ (ڏيڍ هزار رپيا) ڏنا ويا. شڪر ٿيو الحمد الله رب العالمين

تمت تمام شد ڪارمن نظام شد روئي شياطين ودشمنان سياه شد الحمد الله خوب شد.

نور چشم ماستر محمد صادق اطال الله عمره لاءِ هڪ واچ عمدي سرڪار مدني سائين مديني اطهر مان آندي 75 ريال جناب حاجي منظور حسين صاحب جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان وني ڏنائين ۽ سچو مهميرو بہ اتان خريد ڪيو ويو ۽ ٻيا تحفا تحائف بہ ورتا ويا مدينه پاڪ مان. برادرم حافظ حاجي عطاء الله صاحب جن جي جهاز جونالو سفينه عرب هيو جنهن ۾ روانا ٿي ويا هئا ۽واپسيء جو نالو جهانگير هيو تمام آهسته آهسته آيو برادرم صاحب حافظ حاجي عطاءالله صاحب ساڳي سال حرمين الشريفين حج ڪرڻ لاءِ هليا هيا بمعه باقبائل ننڍي اهليہ سميت مائي حاجاڻي مسمات جندان ميتلي ۽ انهن سان گڏ رفيق حاجي لال (لعل) ناريجہ بہ هيو وغيره وغيره ساڪن نزديڪ مهيسر وڏا صاحب برادرم حاجي حافظ عطا الله صاحب جن مورخہ7 محرم الحرام 1375 هہ جي 11 بجہ واري گاڏي ۾ ٽنڊي مستي خان کان لٿا، جو جمع جو ڏينهن هيو.

جمع جي نماز جناب حضرت قطب الاقطاب غوث حمداني محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني سائين رحمتہ الله عليہ والغفران جن جي خانقاه تي پڙهي ۽ زيارت فيض بشارت حاصل ڪري پوءِ شام جو ڳوٺ روانا ٿيا خيروبرڪت سان اچي پهتا شهر خواجن جي شاخ جي پل تي حاجي صاحب جي اڳ ۽ استقبال لاءِ تمام گهڻا ماڻهو ويل هئا برادرم صاحبان حافظان محمد اعظم، خان محمد ومحمد صادق، غلام حيدر ومحمود ۽ حافظ غلام الله وڏيرو حافظ دوست محمد صاحب ۽ ٻيا وڏن مهيسرن جا عزيز اقرباء پنهنجي ڳوٺ مهيسر ۽ ٻيا ڌاريا ٻئي قوم جا ۽ ميتلا فقير بہ تمام گهڻا آيل هئا ۽ اسٽيشن تي گهڻا ماڻهو سندس زيارت ۽ استقبال لاءِ ويل هئا هن سال حج اڪبري ٿيو الله تبارڪ وتعاليٰ جي فضل وڪرم سان جمع مبارڪ جي ڏينهن ٿيو مورخہ 9 ذوالحج 1374هہ مطابق 29 جولاءِ 1955 جي ٿيو. الحمد الله رب العالمين. برادرم حافظ حاجي عطاء الله صاحب ۽ هن عاصي بدڪار گنهگار جون جايون مڪه معظمه ۽ مدينه پاڪ ۾ نزديڪ هيون مگر جدا جدا هيون ڪرائي تي ورتل جو هڪ ٻئي جو ڳالهائڻ ٻڌندا هياسين ۽ اتاهون وينني هڪ ٻئي سان گفتگو ڪنداهئاسي تمام سولائي سان هونديون هيو. حاجاڻي ميتلي مون وٽ ڪم ڪار لاءِ ايندي هئي. مسجد الڪبش منيٰ ۾ جبل تي آهي جتي حضرت ذبيح الله حضرت اسمعيل عليہ السلام جن جي ذبح جي جڳهہ آهي ڪاتي ڪاوڙ مان اڇلي آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام ان جو بہ اڄان نشان قائم محمود آهي جبل ۾ جبل کي ڪپي ڪائي وئي آهي ۽ جتي حضرت جبرئيل

عليہ السلام بهشت مان دنبو ڪٽي آيو آهي ان جا  نشان بہ اجان موجود آهن ۽ جتي حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسمعيل عليہ السلام شڪرانہ جا نفل پڙهي دعائون گهريون آهن سا بہ زيارت ڪرڻي آهي

التماس

پڙهندڙن صاحبن کي عرض آهي تہ جيڪا بہ غلطي هن عاجز ۽ بي علم کان ٿي هجي تہ مهرباني فرمائي درست ڪري ڇڏيندا ڇو جو تيزي سان لکيو آهي ان ۾ اڪثرَا چڪون ٿيون هونديون مهرباني ڪري سڌاري ڇڏڻ فرمائيندا ۽ هن عاجز جي باري ۾ دعا گهرندا ۽ ڪندا الله تبارڪ وتعاليٰ کان تہ خاتمه خير ۽ ڪلمه شريف سان ٿئي.

آمين

بقلم خود عاصي نا قص الفهم
گنهگار بد ڪار حافظ حاجي
محمد عالم مهيسر رفيقي